اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد
ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو-4

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڊڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

ربيع الاول ١٤٣١ھ مطابق مارچ 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه | ادارو | 4 |
| حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه فرمايو... | ادارو | 5 |
| توحيد ۽ شرڪ جا مظاهر | | 6 |
| علماءِ حق ۽ ديني علوم جي استادن جي خدمت ۾ گذارشون | مولانا محمد سليمان طاهر | 7 |
| اسلام جو عبادتن وارو نظام | نور احمد ميمڻ | 10 |
| سرمائي پرست لاءِ قرآن جي للڪار | محمد انس راڄپر | 13 |
| برو هو پنيور آرياٽيءَ اجاريو | نور احمد ميمڻ | 19 |
| پيغمبر اسلام جي رحمت للعاليمني | مولانا عبداللطيف نانگراج | 27 |
| اميري هينئن بہ ٽيندي آ | فدا حسين | 30 |
| محنت ڪري ڪائڻ | مولانا عبداللطيف نانگراج | 34 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097

www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

**الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.**



# حڪمتِ قرآن

## علم جي فضيلت

وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمۡ عَلَى الۡمَلٰٓٮِٕكَةِ ۙ فَقَالَ اَنۡۢبِـُٔوۡنِىۡ بِاَسۡمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٣١﴾

”۽ الله تعاليٰ آدم کي سڀئي نالا سيکاريا پوءِ انهن کي ملائڪن جي آڏو پيش ڪيو پوءِ فرمايو تہ ٻڌايو انهن جا نالا، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو (البقره آيت 31)

جڏهن الله تعاليٰ پهرئين انسان حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو ۽ کيس پنهنجي خلافت سان سرفراز فرمايو تہ ملائڪن کي ان تي حيرت ٿي، انهن جي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو تہ انهن جي هوندي ڪنهن ٻي مخلوق جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هن حيرت کي هٽائڻ ۽ مَلائڪن تي انسان جي فضيلت کي پڌري ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ اهو علمي مقابلو ڪرايو جنهن جو بيان هن آيت ۾ آهي.

اُن فرمايو: اسان انهن سڀني شين جا نالا جيڪي زمين جي خلافت وقت انسان جي حڪم هيٺ اچڻ واريون هيون، آدم کي سيکاريا ۽ ملائڪن کي چيو تہ اوهين انسان تي فضيلت رکو ٿا تہ ٿورو انهن شين جا نالا تہ ٻڌايو؟ ان تي ملائڪن پنهنجي هيٺائيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان طرح حضرت انسان جي فضيلت پڌري ٿي سامهون آئي.

هن مان معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ علم جو ڇا مرتبو آهي. ان وٽ هي اهو شرف آهي جنهن ڪري خاڪي آدم کي ملائڪن جي نوري مخلوق تي فضيلت حاصل ٿي. اهو ئي سبب آهي تہ پاڻ انسانيت جي استاد حضور نبي اڪرم ﷺ جن بہ علم کي وڏي اهميت عطا فرمائي آهي. ڪائنات تي سندن هي وڏو احسان ڪير وساري سگهي ٿو؟ جو قرآن جي لهڻ وقت پهرين وحي ”اقرأ“ جو هو يعني پڙهہ – وري آنحضرت ﷺ جن جو علم کي دوست رکڻ جو هي حال هو جو پاڻ علم جا مجسما ٿي بہ ”رَبِّ زِدۡنِىۡ عِلۡمًا“ علم جي واڌاري جون دعائون گهرندا هئا. انهيءَ جو ئي نتيجو هو جو تاليف، تصنيف ۽ ڪاغذ، قلم جو استعمال جيترو مسلمانن ۾ رهيو آهي اوترو ڪنهن ٻي قوم ۾ نہ رهيو آهي. يورپ جو علم تہ گذريل ڏيڍ ٻن صدين جي پيداوار آهي. حضور اڪرم ﷺ جن کان پوءِ ارڙهين صدي عيسوي تائين، جيترا ڪتاب عربي زبان ۾ لکيا ويا آهن اهي ٻين تمام زبانن جي گڏيل انگ کان وڌيڪ آهن. جڏهن اندلس ۾ مسلمانن جي حڪومت هئي تہ رڳو ان جي سرڪاري ڪتب خاني جي فهرست چاليهن جلدن جي هئي. آيت مان هي سبق مليو تہ انسان جي فضيلت جو اصل راز علم ۾ لڪل آهي. هي اها وصف آهي جا کيس ملائڪن کان بلند ڪري ٿي. تڏهن مسلمانن تي لازم آهي تہ اهي علم پرائڻ ۾ هر طرح وقف ٿي وڃن.

# حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عن عبدالله بن عمرو قال قال رسول الله ﷺ قد افلح من اسلم و رزق كفافًا وقنعه الله بما اٰتاه (رواه صحيح مسلم)

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”اهو بندو ڪامياب ۽ مراد وارو ٿي ويو جنهن کي اسلام جي حقيقت نصيب ٿي ۽ کيس روزي بہ ضرورت جيتري (ڪفاف) ملي ۽ الله تعاليٰ کيس ايتري ٿورڙي روزي تي بہ راضي (قانع) ڪري ڇڏيو. (صحيح مسلم)

بلاشڪ جنهن ۾انهي کي ايمان جي دولت نصيب ٿي انهيءَ سان گڏ هن دنيا ۾ گذرسفر لاءِ بہ ڪجھ ضروري سامان هجيس ۽ سندس دل کي اطمينان ۽ قناعت جي دولت بہ ملي تہ اهڙي بندي جي زندگي مبارڪ ۽ خوشگوار آهي.

هن حديث مبارڪ ۾ اسلام جي نعمت کي فلاح جو مدار قرار ڏيڻ سان قناعت کي بہ ڪامياب زندگي جو راز قرار ڏنو ويو آهي. قناعت انسان جي اهم اخلاقي صفت آهي. قناعت جي ڪري انسان بي چيني ۽ اندر جي ڪڙهڻ جي آزار کان آجو ٿئي ٿو، جيڪي ڪجھ اٽس ان تي اطمينان ۽ سڪون سان راضي رهي ٿو. قناعت جي جذبي سان حسد، ساڙ ۽ جهيڙي جا جراثيم ختم ٿي وڃن ٿا.

بهترين سماج جي تعمير لاءِ ضروري آهي تہ معاشري ۾ قناعت جو مزاج پيدا ڪيو وڃي. جنهن سماج ۾ قناعت جو مزاج لڏو ويندو اتي رواداري ۽ الفت جا گل ڦٽندا، جنهن جي خوشبو سان پورو معاشرو مهڪجي پوندو.

قرآن ۾ انسان کي شڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ شڪر جو جذبو قناعت جي مزاج سان پيدا ٿيندو آهي. هڪ روايت آهي تہ: وكن قنعاتكن اشكرالناس- ”تون قناعت ڪر پوءِ بيشڪ تون سڀ کان وڌيڪ شڪر ڪندڙ ٻانهو ٿي پوندين.“

قناعت جي روش سان دل کي راحت نصيب ٿئي ٿي، قناعت نہ ڪرڻ سان حرص جو مزاج ٺهي ٿو ۽ حريص ماڻهو سدائين مضطرب، پريشان ۽ ساڙيلو ۽ اندر ۾ پيو ڪڙهندو آهي ۽ رڳو سندس زبان تي رڳو گلا ۽ شڪايت هوندي اٽس.

قناعت سان ذهني آرام ملي ٿو، پاڪيزه جذبا جنم وٺن ٿا. حرص سان ذهني بيچيني پيدا ٿئي ٿي ۽ حرص سان تنگي ۽ خودغرضي پيدا ٿئي ٿي قناعت سان وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ اها محبت ڪندڙ بڻائي ٿي. قناعت روحاني ترقي جو ذريعو آهي ۽ حرص روح کي بيمار ڪري ٿو، قناعت سان سادگي واري زندگي ۽ فڪري بلندي نصيب ٿئي ٿي، جيڪي حقيقي ترقيءَ جا بنيادي ڏاڪا آهن.



# تعليمات امام شاهہ ولي الله دهلوي ؒ

مولانا عبيدالله سندي ؒ فرمائن ٿا تہ: حڪيم الهند امام شاهہ ولي الله ؒ وٽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جو دارومدار چئن بنيادي اخلاقن تي آهي. (1) طهارت: جسماني ۽ روحاني پاڪيزگي (2) اخبات: خدا جي حضور ۾ عاجزي ۽ نوڙت ڪرڻ (3) سماحت: يعني سخاوت ۽ احسان جو مقام (4) عدالت: مقرر ڪيل حدون نہ اورانگهڻ.

انهن چئني اخلاقن ۾ مرڪزي حيثيت عدالت جي آهي. عدالت يعني حدون اورانگهڻ کان بچڻ ۽ وچٿرائپ کي ڇڏي افراط يا تفريط جو شڪار بڻجڻ کان پاسو ڪرڻ. اقتصادي نظام ۾ عدالت کي تمام وڏي اهميت آهي. ڪنهن بہ معاشري ۾ عدل ۽ انصاف تيستائين قائم نہ ٿي سگهندو جيستائين محنت ڪش طبقي تي انهن جي طاقت کان وڌيڪ بار وجهڻ کان بلڪل پاسو نہ ڪيو ويندو ۽ انهن کي ڪم جو اجورو ضرورتن پٽاندڙ نہ ڏنو ويندو.

قرآن جي نازل ٿيڻ وقت بہ وڏيون سلطنتون (قيصر ۽ ڪسريٰ جيڪي ان دور جون عاليشان تمدني علامت بڻيل هيون ۽ دنيا جي اڪثر حصي تي سندن حڪومت قائم هئي.) محنت ڪندڙن جي محنتن جو استحصال ڪنديون هيون. محنت ڪندڙ بنيادي ضرورتن کان محروم هوندا هئا. پاڻ بادشاهہ عيش ۽ عشرت جي زندگي گذاريندا هئا. نتيجي ۾ قدرت جي پاران اهي تباهيءَ جي انجام تي پهتيون.

تنهن ڪري قرآن جو بنيادي مقصد قيصر ۽ ڪسريٰ جي استحصالي ۽ استبدادي نظام کي ٽوڙي ڪري توحيد جي مساوات واري نظام کي قائم ڪرڻ هيو، تہ جيئن دنيا کي ان مصيبت کان نجات ملي. حڪيم الهند امام شاهہ ولي الله ؒ جي ان اصول جي حقيقت ۽ اهميت يعني ”محنت ڪندڙ تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بار وجهڻ کان بلڪل پاسو ڪيو وڃي.“ اسان تڏهن سمجهي جڏهن اسين يورپ ۾ رهي ڪري سوشلزم جو مطالعو ڪيوسين. اسان جا دوست جيڪي اڪثر ڪارل مارڪس جا عقيدت مند هئا. اسان جي آڏو ڪارل مارڪس جي تمام وڏي تعريف ڪندا هئا ۽ ان احترام ۽ فضيلت جو مدار ان جي اقتصادي نظرين کي قرار ڏيندا هئا.

پر اسان جي حيرت جي حد ئي نہ رهي جو ان انقلابي پروگرام جا سڀ اصول اسان حڪيم الهند جي ڪتابن ۾ ڏٺا. حڪيم الهند ڪارل مارڪس کان تمام گهڻو پهريان انهن اصولن تي تفصيل سان روشني وجهي چڪو هو.

ڪارل مارڪس مئي 1818ع ۾ پيدا ٿيو. 1883ع ۾ وفات ڪئي ان جو اشتراڪي ميني فيسٽو 1847ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جي قائم ڪيل پهرئين بين الاقواميت جو اجلاس 1864ع ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ پهريون دفعو ان جي پروگرام کي متعارف ڪرايو ويو. ان حساب سان شاهہ صاحب ؒ پهرئين بين الاقواميت کان 102 سال اڳ ۽ مارڪس جي اشتراڪي اعلان کان 85 سال اڳ وفات ڪري چڪا آهن.

امام ولي الله 1763ع ۾ وفات ڪئي آهي، جڏهن تہ ڪارل مارڪس 1818ع ۾ پيدا ٿيو آهي. (شاہ ولی اللہ اور اسکی سیاسی تحریك)

## اسماءِ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

### الرحمٰن الرحيم

رحمٰن: جنهن جي معنيٰ آهي رحم ڪندڙ. حقيقت وارن وٽ رحمٰن ۽ رحيم ٻئي اسم رحمت مان نڪتل آهن ۽ ٻنهي ۾ مبالغي (گهڻائيءَ) جي معني آهي. رحمٰن ۾ مبالغو وڌيڪ آهي، جو ته ان مان دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي رحمت مراد آهي، ٻيو سبب اهو به آهي ته اسم رحمٰن الله جي ذات مقدس لاءِ ئي مخصوص آهي.

رحمت جي معنيٰ آهي، محتاجن تي ٻاجهه جي پالوٽ ڪرڻ ۽ الله جي رحمت مان مراد آهي اهڙي عام رحمت، جنهن ۾ دنيا ۽ آخرت جون سڀ نعمتون اچي وڃن. ٻين لفظن ۾ رحمتِ الاهي جي معنيٰ آهي، ٻانهن جون حاجتون ۽ انهن جون ضرورتون فقط پنهنجي سخا ۽ عنايت سان بنا ڪنهن اجوري وٺڻ يا ڪنهن ذات مطلب جي پوريون ڪرڻ.

**ٻانهي جو هن اسم سان تعلق:** معرفت الاهي جي طالب کي هنن ٻنهي اسمن سان تعلق هن ريت نصيب ٿيندو، جڏهن ٻانهي اهو يقين ڪيو ته منعم حقيقي ۽ ولي نعمت حقيقي نعمت ڪندڙ ۽ نعمت جو بخشيندڙ) صرف ذات باري تعاليٰ ئي آهي ته ان کي گهرجي ته ان ذات پاڪ تي ئي توڪل ڪري ۽ سڀ ڪم ان کي سونپي ۽ ان جي رحمت واري بارگاهه ۾ پوري طرح ڌيان ڌري ۽ ان کان سواءِ ڪنهن به غير کان مدد نه گهري ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي در ڏانهن واجهائي.

**ٻانهي جو هن اسم سان تخلق:** اهڙي ريت وري تخلق (صفت اپنائڻ) جو رستو هي آهي، ته سالڪ الله جي ٻانهن سان رحم وارو برتاءُ ڪري، (پنهنجي علم مرتبي ۽ مال جو فيض ڦهلائي) ۽ هر هڪ کي رحم واري نظر سان ڏسي ۽ غير شرعي ڪمن کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري، ۽ پنهنجي وس آهر محتاجن جون حاجتون پوريون ڪري. پر اهي ڪم ٻاجهه ۽ خير جي ارادي سان ئي ڪري. ڪنهن غرض يا اجوري جي اميد نه رکندو هجي. جيتوڻيڪ حقيقي رحمت ماڻهن وٽان ملڻ ته مشڪل آهي، جو ته وٽن نيڪيءَ جي بدلي جو تصور ضرور هوندو آهي، ٻيو نه ته ثواب جي اميد ته هوندي ئي آهي.

**ٻانهي جو هن اسم سان تعبد:** عبدالرحمٰن: رحمان جو ٻانهو اهو آهي، جيڪو الله جي اسم "رحمٰن" جو سچو مظهر هجي،جنهن ڪري هو ساري جهان لاءِ رحمت بڻجي پوي ۽ سندس رحمت کان ڪوبه وانجهيل نه رهي ۽ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ضرورت ۽ لياقت آهر ان جي رحمت مان فيضياب ٿيندو رهي. ڪن بزرگن چيو آهي ته الله جا اهي اسم جن مان ساري موجودات کي وجود مليو ۽ ان سان گڏ وري انهن کي معنوي ڪمالات پڻ حاصل ٿيا، انهن سمورن اسمن مبارڪن تي هي اسم "الرحمٰن" غالب آهي (يعني هي اسم اهڙن سڀني اسمن تي شامل ايندڙ آهي.)

**عبدالرحيم:** رحيم جو ٻانهو اهو شخص آهي، جيڪو اسم "رحيم" جو مظهر هجي. يعني ان جو رحم ۽ معنوي ڪمالات جو فيض صرف ايمان ۽ معرفت وارن لاءِ مخصوص هوندو، تنهن ڪري رحيم جو ٻانهو صرف متقين ۽ صالحن تي پنهنجي فيض جا پلايون ۽ پال ڪندو. پر جيڪي الله جي باغين سرڪشن کان پرپور انتقام وٺندڙ هوندو ۽ ساڻن ڪابه رعايت روا نه رکندو.



# توحيد ۽ شرڪ جا مظاهر

ماڻهو کي موجوده دنيا ۾ زنده رهڻ لاءِ هڪ سهارو گهربل آهي. هر ماڻهو ڪنهن جي نه ڪنهن جي وڏائي ۾ جيئي ٿو. مومن اهو آ جيڪو خدا جي وڏائي ۾ جيئي. غير مومن اهو آهي جيڪو الله کانسواءِ ٻين جي عظمت ۾ جيئي.

قديم زماني جا مشرڪ انسان، چنڊ ۽ سج جي وڏائي ۾ جيئندا هيا. موجوده دور جا ماده پرست انسان مادي قوتن جي وڏائي ۾ جيئن ٿا. ڪجهه ماڻهو دولت، عهدن ۽ مراتب کي وڏو سمجهي ان جي تلاش ۾ زندگي گذارن ٿا ۽ ڪي وري مرشدن ۽ اڪابرن جي وڏائي ۾ گم آهن. ان طرح پنهنجي ان فطري جذبي جي تسڪين ۾ گم آهن.

اهي سڀئي شرڪ جون صورتون آهن ۽ هڪ حقيقي تلاش جو ڪوڙو ۽ مصنوعي جواب آهن. مومن اهو آهي جيڪو فطرت جي تلاش ۾ سچو جواب ڳولهي. جيڪو ظاهري شين ۾ نه اٽڪي، بلڪ ظاهري ۽ نمائشي شين کان گذرندي حقيقي شين تائين پهچي.

مومن انسان اهڙين شين کي جڏهن ڏسندو آهي ته سندس ظاهر فريب نه کائيندو آهي. هن کي دنيا جون سڀ شيون صرف مخلوق نظر اچن ٿيون. جتي هو خود بيٺو آ، اتان اهي شيون ان کي مقام عجز تي ڏيکاري ڏين ٿيون. مومن انهن لقائن باوجود پنهنجو سفر جاري رکي ٿو. ايتري تائين جو هو خدا تائين پهچي وڃي ٿو.

مومن اهو آهي جيڪو پنهنجي سڀني شين کي خدائي عطيو سمجهي. جيڪو پنهنجي عجز جي تلافي خدا کان ڪري، جنهن کي زمين واري حسن مان خدا جو جلوو ڏيکارجي، جنهن کي ڪائنات جي عظمت ۾ خدا جي عظمت نظر اچي، جيڪو سڀني عظمتن کي خدا جي عظمت جو عڪس سمجهندو هجي. جيڪو خدا جي جلون ۾ ان طرح گم ٿي وڃي جو حمد خداوندي سندس محبوب ترين مشغلو بنجي وڃي.

ايمان جو مطلب دراصل حاضر ۾ غائب کي ڏسڻ سان آهي. جيڪو ڪجهه سامهون آهي ان جي بجاءِ ان لڪل شيءِ کي ڏسڻ ۾ آ هي جيڪا سامهون ناهي.

جنهن کي اها نظر حاصل ٿي وڃي، انهيءَ کي چئني طرفن ڏانهن خدا جي وڏائي ۽ ڪبريائي ئي نظر ايندي. هو صرف خدا کي پنهنجو سڀ ڪجهه ٻڌائي وٺندو. هو خدا جي عظمت ۾ اهڙي طرح گم هوندو جو ان کي نه پنهنجي وڏائي ۽ حيثيت جي خبر رهي ٿي نه ٻين جي وڏائي ۽ مرتبن جي خبر.

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پهي؟
وَفِي أَنْفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ، سوجهي ڪو سهي،
ڪڏهن ڪانه وهي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

(شاهه)

ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

# علماء حق ۽ ديني علوم جي استادن جي خدمت ۾ چند گذارشون

الله سبحانہ وتعاليٰ ”علماء دين“ جي گروه کي علم ۽ فضل جي نعمت ۽ سعادت سان نوازي هڪ مقام ۽ مرتبو عطا ڪيو آهي. هڪ مرحلو علم دين حاصل ڪرڻ جو هيو ۽ ٻيو مرحلو آخري عمر تائين علم دين پڙهائڻ ۽ تربيت ڪرڻ جو عرصو مٿن هلندو رهي ٿو.

قرآن مجيد جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ علم جو سرچشمو خالق ڪائنات جي مقدس ذات بابرڪت آهي. ان عليم ۽ خبير هستي وحي الٰهي ذريعي نبين ۽ پيغمبرن کي علم عطا فرمايو، پوءِ نبين ۽ رسولن ذريعي انسانن تائين علم پهچايو.

آخر علم جو خزانو حضرت رسول اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن جي ذريعي انساني دنيا کي حاصل ٿيو. ان علمِ هدايت کي گذريل چوڏهن سو سالن کان اڄ تائين امت کي پهچايو پيو وڃي.

علم جو بنياد ماخذ قرآن مجيد آهي، قرآن مجيد جو تفسير ۽ تشريح ۽ وضاحت اسوه رسول ﷺ ۽ احاديث مبارڪ آهن. علم جي انهن ٻنهي سرچشمن جي حفاظت، تعليم ۽ تبليغ امت مسلمہ ڪندي پئي اچي. بدقسمتي سان ان دوران ڪيئي فتنا، باطل تحريڪون، اسلام جي تشريح جا نوان نوان موقف، نيون نيون بدعتون تان تہ ڪليل شرڪ ۽ ڪفر جون ڳالهيون پڻ امت ۾ ظاهر ٿينديون رهيون ۽ ڦهلبيون رهيون. اختلاف، انتشار، گروه بندي، فرقہ پرستي، عصيبت، انانيت، عدم برداشت، استدلال کان سواءِ عقل ۽ شعور کي پاسيرو رکندي، ڪمزور ۽ جعلي روايتن ۽ حڪايتن جو سهارو وٺندي، امت مسلمہ ۾ ايترو ڪجهہ پيدا ڪيو ويو آهي جو انهيءَ طوفان بدتميزي ۾ قرآن ۽ سنت جي پاڪيزه، شفاف ۽ خالص تعليم اکين کان اوجهل ٿيندي وئي. پوءِ هن امت ۾ شرڪ جهڙي لعنت کي برداشت ڪيو ويو، بدعتن ۾ نرمي ڪئي وئي، نيون شيون وجود ۾ آٽي، انهن کي عبادتن جو درجو ڏيئي ۽ انهن کي ضيعف ۽ ڪمزور روايتن جو لباس پارائي امت ۾ دين جا اهڙا مظهر، ڪلچر ۽ موقف سامهون آندا ويا جن کي يقيني طرح ”ڪل بدعة ضلالة“ چئي سگهجي ٿو.

گذريل ڪيترن صدين ۾ امت مسلمہ جي انهيءَ گروه بنديءَ ۽ فرقہ پرستيءَ اهڙو پر تشدد ماحول پڻ پيدا ڪيو جنهن ۾ مسلمانن ۾ قتل غارتگري، جهيڙا جهڳڙا ۽ وڏي پيماني تي خونريزي بہ ٿيندي رهي. مسلمانن جي جهڳڙن ڪيترائي ملڪ ۽ انهن ۾ پنهنجون قائم حڪومتون تهس نهس ڪري ڇڏيون، ڪيترا ملڪ مفتوح بڻجي ويا. ڪيترائي ملڪ



عالمي ڪفر جي سرنگون ٿي ويا. مسلمان وڙهندا رهيا، مناظرا ڪندا رهيا، بنيادي مسئلن کي نظرانداز ڪري ڇڏيائون. ايمان، تقويٰ، جهاد ۽ انفاق في سبيل الله جيڪو امت جو شعار ۽ سڃاڻپ هئي ان جي بجاءِ هو فروعي مسئلن تي ٽولن ۾ تقسيم ٿي هڪ ٻئي کي ڪمزور بڻائيندا رهيا. غضب خدا جو بعض موقعن تي ڪفر جو ساٿ ڏيئي مسلمانن کي شڪستون ڏياريائون.

حضرات علماءِ دين!!

اڄ جي امت مسلمہ جي صورتحال بہ بهتر ڪونهي بلڪ انتشار، ذلت ۽ مسڪنت جي انڌيرن ۾ ٻڏا پيا آهيون. سياسي ۽ معاشي صورتحال جيڪا ڪجهہ آهي سا سامهون آهي. مسلم ملڪن ۾ فوجي جنرل ۽ بادشاهتون قائم آهن، آزادي، مساوات ۽ برابري وارا نظريا اوجهل آهن. معاشي طرح سڀ جا سڀ عالمي ڪفر جي ادارن وٽ مقروض آهيون ۽ گدائي جو پيالو ڦيرائيندا ٽا رهون. ديني ۽ مذهبي طرح امت جو وڏو حصو ”توهم پرستي“ ۾ مبتلا آهي. بدعتن جو سيلاب اسان کي گهيري چڪو آهي، غيرالله جي چوڪٽن تي سجده ريزي اسان جي شناخت ٿيندي پئي وڃي. سوين پارٽين، جماعتن، گروهن، ٽولن ۾ ورهائجي، سمورا وسيلا ۽ صلاحيتون هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ، شڪست ڏيڻ ۽ ناڪام بنائڻ ۾ استعمال ٿي رهيون آهن. انڌيري جي اهڙي ماحول ۾ بي يقيني، مايوسي ۽ افراتفري ڦهلبي پئي وڃي. جنهن طرف نظر وجهون تہ اصلاح ۽ سڌاري جو ڪو رستو نظر نٿو اچي. پر پوءِ گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ روشني جي هڪ ڪِرن نظر آئي ۽ خيال پيدا ٿيو تہ شايد اتان هدايت جو ڪو چشمو ڦاٽي پوي ۽ امت کي سيراب ڪري ڇڏي روشني جو اهو ڏيئو آهي. ”ديني علوم جا اساتذه ڪرام“

ديني استادن جو هي گروه، گهڻين مادي سهولتن کان دور، ڪنهن حدتائين صبر، شڪر ۽ قناعت سان زندگي گذاريندڙ، طالب العلمن جو هڪ وڏو تعداد هر وقت کين ميسر آهي. جيڪڏهن اهي سمورا استاد هڪ مشن، هڪ تحريڪ، هڪ جذبي ۽ حوصلي سان طلبہ کي تعليم، تربيت، شعور ۽ آگاهي سان سنوارين، انهن ۾ تقويٰ، جهاد ۽ استقامت جا جذبا پيدا ڪن ۽ انهن کي امت مسلمہ جو هڪ داعي ۽ مشنري انسان بڻائڻ جي ڪوشش ڪن تہ هوند لاڳيتو اهڙو گروه وجود ۾ ايندو رهي جيڪو هن امت جي اصلاح ۽ سجاڳي لاءِ ”ڪاروان اسلاف“ جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

ان سلسلي ۾ چند گذارشون توجہ جي لائق آهن.

- ❊ تعليم ۾ قرآن مجيد کي بنيادي حيثيت ڏني وڃي.
- ❊ قرآن مجيد ۾ غور ۽ فڪر ۽ لاڳيتو مطالعو هر وقت جاري رکيو وڃي.
- ❊ قرآن مجيد جي قوانين فطرت ۽ سنّت الله جو گهرو شعور پيدا ڪيو وڃي.
- ❊ تذڪير بآلاءِ الله ۽ تذڪير بايّام الله جي آيتن جو زياده شعور پيدا ڪيو وڃي.
- ❊ قرآن مجيد ۾ جيئن تہ ”توحيد“ کي مرڪزي مضمون بڻايو ويو آهي. ان ڪري توحيد ۾ راسخ العقيده مؤمن بڻائڻ ڏانهن اولين توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي.
- ❊ ”ربّ الناس“، ”ملڪ الناس“ ۽ ”اِلٰہ الناس“ جو شعور تفصيل سان اجاگر ڪيو وڃي.

* ايمان، تقويٰ ۽ جهاد جي ڪيفيتن پيدا ڪرڻ لاءِ قرآن مجيد جي آيتن، اسوه رسول ﷺ ۽ واقعات صحابہ ڪرام جي ذريعي ڀرپور مدد ورتي وڃي.
* امت جي عظيم شخصيتن مثلاً امام ابو حنيفہ ؒ، امام مالڪ بن انس ؒ، امام احمد بن حنبل ؒ، امام عبدالله بن مبارڪ ؒ، امام بن تيميہ ؒ، محدثين عظام ۽ اولياءِ ڪرام جي جهادي ڪارنامن جو طلبہ جي سامهون بار بار تذڪرو ڪيو وڃي. عصر حاضر جي امام شاه ولي الله دهلويؒ، شيخ الهند حضرت محمودالحسن اسير مالٽاؒ، پير مرشد حضرت راشد روضي ڌڻيؒ، مولانا عبيدالله سنڌيؒ، مولانا تاج محمود امروٽيؒ، مولانا حمادالله هاليجوي، جي سنهري ڪارنامن ۽ توحيدي خدمات ڪان شاگرن ڪي روشناس ڪيو وڃي.
* شاگردن ڪي ذهني ۽ عملي طرح تيار ڪيو وڃي تہ هو اسلاف جي مجاهدانہ ڪارنامن جا امين ۽ وارث آهن ۽ هو پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏين تہ هو توحيد ۽ ايمان جا داعي بڻجي زندگي گذاريندا. ڌن، دولت ۽ دنيوي سهولتن ڏانهن هرگز نہ واجهائيندا. هو دنيا ڪان بي پرواه بڻجي الله جي راه ۾ نڪري ايندا تہ الله سبحانہ وتعاليٰ سندن تمام ضرورتون پوريون ڪندو ۽ هو ڪنهن جا بہ محتاج نہ ٿيندا.
* سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ هزار ڪن نوان علما دين هر سال تعليم حاصل ڪري فارغ ٿين ٿا. اهي سمورا مدرسن ۽ مسجدن ۾ ذميواريون ادا ڪن ٿا. اهي سمورا يا انهن مان وڏو تعداد جيڪڏهن مشنري بڻجي وڃي ۽ ماڻهن جي غلامي، جهالت ۽ فرسودن رسمن جي خاتمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ اهڙي طرح داعي الي الله جو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ توحيد جي دعوت سندن نصب العين ٿي وڃي، هر شعبي زندگي ۾ امت جو اصلاح ۽ خيرخواهي انهن جي مقصد حيات ٿي وڃي تہ خير ۽ ڀلائي جي معاشري جڙڻ ۾ آساني ۽ سهولت پيدا ٿيندي ويندي.
* علماءِ حق ۽ ديني استادن ڪي انهيءَ بنيادي ذميواري ادا ڪرڻ ڏانهن ڀرپور توجهہ ڏيڻ گهرجي. ان طرح هو ڪار نبوت، منصب رسالت جي فريضي ۽ نبوت طرفان لڳايل ڊيوٽي "العلماءَ ورثۃ الانبياءَ" جي حق ادائگي پوري ڪري سگهندا.
* ڪراچي ۾ "حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ" ادارو ان مقصد خاطر وجود ۾ آيو آهي تہ امام شاه ولي الله دهلويؒ جي تعليم، فڪر ۽ فلسفي مطابق قرآن مجيد جي فهم، مطالعي ۽ تدبر ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ پنج ڪورس متعين ڪيا ويا آهن ۽ انهن جو نصاب پڻ مرتب ٿيو آهي. سمورن ديني مدرسن جي شاگردن ڪي انهن ڪورسن ۾ داخلا وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي جاري تعليم سان گڏ گهر ۾ ويني قرآن مجيد جي هن فڪري ۽ شعوري تحريڪ ۾ شامل ٿي، دعوت قرآن سان هن معاشري جي اصلاح ۾ ڳنڍجي وڃڻ گهرجي.
* اسان ڪي اميد آهي تہ اساتذه ڪرام ۽ علماءِ دين هنن گذارشن تي درد دل سان توجهہ ڏيندا ۽ فرض جي پوئواري ۾ غفلت، سستي ۽ تاخير هرگز نہ ڪندا.



**نور احمد ميمڻ**

# اسلام جو عبادتن وارو نظام

الله تعاليٰ جيڪا بہ مخلوق پيدا ڪئي، ان ڪي سوڌي سنواري خلقيو، ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ۽ ان جي هدايت ۽ سڌاري جو بندوبست ڪيو. (سورة الاعليٰ 1-2)

انسانن ڪي اشرف المخلوقات طور هڪ جوابده ۽ ذميدار مخلوق ڪري بڻايو ويو تہ ان جي لاءِ هدايت جي انتظام ۾ وجدان ۽ حواسن سان گڏ اڃان بہ ٻہ وڌيڪ بندوبست ڪري ڏنا ويا، هڪ عقل جي هدايت جو ۽ ٻيو وحي جي هدايت جو. وحي جي هدايت جو تعلق انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ سان هو، جنهن ۾ عقيدن، سوچن، خيالن ۽ خواهشن جي رهنمائي بہ هئي، تہ وري مادي ۽ جسماني قوتن ڪي اعتدال ۽ عدل تي هلائڻ جي تربيت بہ هئي. وحي جي تعليم ۾ عقيدن، سوچن ۽ فڪر جي لاءِ رهنما اصول ٻڌايا ويا ۽ انهن اصولن تي هلڻ جي مشق ۽ عملي تربيت عبادتن جي نظام سان ڪئي وئي. انهيءَ وحي جي تعليم ذريعي انسان اشرف المخلوقات ڪي سنواريو بہ ويو ۽ ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ويو. سڀني پيغمبرن وحي ذريعي حاصل ڪيل توحيد جي فڪر ۽ امن ۽ سلامتي اصولن جي هڪ باضابط نظام يعني دين اسلام جي ذريعي انسانن جي رهنمائي ڪئي ۽ عبادتن جي تربيتي نظام ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿي پنهنجي پوئلڳن لاءِ شاندار عملي مثال قائم ڪيا. پيغمبرن جي ٻڌايل ان عبادتن واري نظام جا ٽي حصا آهن، (1) فرائض (2) اخلاق (3) معاملات. پهريون حصو (يعني فرائض) انسانن جي روح ڪي پاڪ ڪري ٿو ۽ نيڪيءَ ڪي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ ماڻهن ڪي اتساه عطا ڪري ٿو. ٻيو حصو (يعني اخلاق) انسان ۾ ذاتي ڪردار ڪي درست ڪري ٿو ۽ اصولن جو بنياد عطا ڪري ٿو. ٽيون حصو (يعني معاملات) هي سيکاري ٿو تہ انسانن جا تعلقات ٻين انسانن سان ڪيئن هجن. عبادتن جي ٽنهي حصن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي ۽ ٽئي هڪ نظام هيٺ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

**فرائض جي اهميت:**

عبادت جا فرائض پنج آهن. (1) ڪلمه شهادت (2) نماز (3) زڪوات (4) روزو (5) حج. اهي پنج ئي فرض انسان جي ماڻهپي ڪي ڪامل ٿيڻ جي طرف مددگار بڻبا آهن ۽ ان جي شخصيت ڪي ترقيءَ طرف وٺي مجموعي طور تي هيٺيان پنج نتيجا پيدا ڪندا آهن.

(1) خلوص ۽ خدا رخي زندگي: انهيءَ مان محسوس ٿيندو آهي تہ انسان جي زندگي پنهنجي خلقڻهار الله جي اثر ڪان متاثر ٿي رهي آهي. هو خود رخي زندگيءَ جي بجاءِ خدا رخي زندگي جي وات جو پانڌيڙو بڻيو آهي.

(2) قلب جو اطمينان: انهيءَ سان ماڻهو زندگيءَ جي فڪرات ۽ پريشانين ڪان آجو ٿيندو آهي. خلقڻهار جي ٻڌايل هڪ ضابطي واري زندگي گذارڻ جي ڪري نہ صرف

زندگيءَ جو اطمينان حاصل هوندو اٿس، پر موت ۽ موت کان پوءِ جي فڪرات کان بہ نجات ملي پوندي اٿس.

(3) عدالت: ماڻهوءَ جي متوازن شخصيت عدل ۽ انصاف جي طريقن تي ڪاربند ٿيندي آهي ۽ هو پنهنجي جذبات ۽ خواهشن تي پوري سگهہ حاصل ڪري وٺندو آهي. جيئن هو پنهنجي ذات ۽ خاندان سان بہ انصاف ڪندو آهي. تيئن پنهنجي مٽن مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پنهنجي چوڌاري ضرورتمندن ۽ سموري انسانيت سان بہ انصاف جي هلت هلندو آهي.

(4) ڪامل محبت: هو خلق خدا کي الله جو عيال ڀانئڻ لڳندو آهي، ان ڪري خلق ڏانهن هن جو رويو مصالحت، همدردي، مساوات وارو هوندو آهي ۽ منجهس غيرمشروط ۽ بي غرضيءَ سان خدمت جي جذبن جو اُڀار ٿيندو آهي.

(5) ڪامل اجتماعيت: هو پاڻ کي ڪل جو جز سمجهندو آهي، انهيءَ ڪري انساني وقار ۽ آجپي جي بحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي ۽ پوئتي پيل طبقن جي بحال ڪاري لاءِ عملي ڪوششون وٺندو آهي. ڪيس علم، مرتبي ۽ مال جي صورت ۾ جيڪي نعمتون مليل هونديون آهن انهن کي قدرت جي پاران حوالي ڪيل امانت جي ذميواريءَ طور ورهائي حقدارن تائين حق پڄائيندو آهي.

ڪلمي شهادت جي ذريعي انسان حلف کڻندو آهي تہ هو هاڻي پنهنجي مرضي، خواهشن ۽ غرضن هيٺ زندگي نہ گذاريندو بلڪ پنهنجي چوڌاري بادشاهن سردارن، مرشدن ۽ مذهبي پيشہ ورن جي سيني انساني غلامين کان پاڻ کي آجو ڪري هڪ الله جي ٻانهپ اختيار ڪندو. صرف ان جي ئي حڪمن تي هلندو ۽ ان جي لاءِ حضرت محمد ﷺ جي نموني کي ڪي رهبر ۽ مشعل بڻائيندو.

نماز پنهنجي پاڙيسرين سان گڏجي پڙهڻ جو مطلب آهي تہ مومن جي زندگي هاڻي سندس ذات جي چوڌاري نہ ڦرندي، پر هو اجتماعي اشتراڪيت سان زندگي گهاريندو. سندس اٿڻ ويهڻ، سجدا ۽ رڪوع خلق سان گڏ هوندا. انساني وجود جي اندر زندگيءَ جو جيڪي سگهون ۽ قابليتون آهن انهن کي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم آڻيندو. نماز جي ذريعي هو الله تعاليٰ سان رابطہ ڪاري (Communication) ڪندو. هو روزانو وري وري پنهنجي ذميدارانہ زندگيءَ يعني اخلاق ۽ انسانيت جي ڪمن ۽ حسن معاملات جي رپورٽ پيش ڪندو ۽ ان جي موٽ ۾ استقامت ۽ استعانت جو ويساهہ حاصل ڪندو رهندو. ان جي نتيجي هڪ مثالي انسان منظر تي ايندو آهي جيڪو پنهنجي علائقي ۽ شهر ۾ رباني سماجوادي انسان جي سڃاڻ حاصل ڪندو.

جيئن نماز انساني وجود جي اندروني سگهن ۽ قابليتن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو عزم ۽ اظهار آهي تيئن زڪواة وري انساني وجود جي ٻاهرين وسيلن ۽ ذريعن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو خدائي بندوبست آهي. انسانن کي الله جي خليفي واري ڪردار جي حق ادائيءَ واسطي اجتماعي اشتراڪيت وانگر معاشي اشتراڪيت لاءِ انفاق جون ڪيتريون ئي صورتون قرآن حڪيم ۾ ورائي ورائي ٻڌايو ويون آهن.



روزو الله تعاليٰ جي لاءِ آهي ۽ خلق خدا جيڪا الله جو عيال آهي، انهن جي وچ ۾ معاشرتي اشتراڪيت جو خدائي بندوبست آهي. اهڙي طرح خودغرضي، خودرخي ۽ مفاد پرستيءَ جي جذبن کان آجو ٿي خدا رتي زندگي گذارڻ جي ڀرپور مشق آهي سيئي انسان ڳالهہ ٻولهہ، سوچ ۽ ويچار ۽ کائڻ پيئڻ جي شخصي طور طريقن ۾ ذاتي عادتن جا غلام نہ بڻجن بلڪ انهن کي سندن سوچن ۽ خواهشن تي ڪنٽرول هجي. پورو مهينو مسلسل اها مشق ڪري پنهنجي وجود جي اهڙي نگراني ڪئي وڃي جو ان جو ڪوبہ حصو خدائي حڪمن جي نافرماني نہ ڪري سگهي. روزي سان نفسي سڌن ۽ خواهشن تي ضابطي ۽ خود حوالگيءَ جي جذبي ۽ خوداعتماديءَ جي ڪري اطمينان ۽ محبت جي احساس سان زندگي جيئڻ جو ملڪو پيدا ٿيندو آهي.

حج تعمير انسانيت جي آخري منزل آهي، جيڪو مٿين چئني عبادتن جي اثر کي منظم شڪل ڏئي انسان کي ابراهيمي ملت جو فرد بڻائي توحيد جي سربلندي ۽ ڦهلاءَ جي لاءِ تيار ڪندو آهي. حج هڪ جهڙي لباس، هڪ ئي گهرجي حاضري ۽ لبيڪ جي صدا سان ماڻهو جي اندر خدا جي لاءِ جيئڻ ۽ خدا لاءِ مرڻ جي ديوانگي پيدا ڪندو آهي. ان کان پوءِ ماڻهوءَ عالمي برادريءَ جو حصو بڻجي توحيد جي اعليٰ مقصدن يعني غلاميءَ جي خاتمي ۽ انساني آزادين ۽ اهڙي اشتراڪي معاشري لاءِ جيئندو آهي جتي صرف هڪ الله جي حاڪميت هجي. ان جي قيام لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيندو آهي.

---

## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاهہ ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهہ ولي الله ؒ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا تہ هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

محمد انس راڄپر

# سرمائي پرست لاءِ قرآن جي للڪار

انساني زندگيءَ لاءِ هدايت ۽ رهنمائيءَ جو ڪوبہ پروگرام ايستائين لاڀائتو ثابت نٿو سگهي جيستائين انساني زندگيءَ جي مڙني جهتن ۽ پهلوئن لاءِ مڪمل رهنمائي جو ان ۾ جوڳو بندوبست نہ ڪيو وڃي. اسلام بہ انسانيءَ زندگي کي سوڀارو ۽ بهتر بنائڻ جو هڪ پروگرام آهي. پاڻ اهو پليءَ پت ڄاڻون ٿا تہ هيءُ پروگرام انساني زندگيءَ جي سڀني پهلوئن بابت رهنمائي ڪندڙ پروگرام آهي. پر اڪثر طور پاڻ، اسلام جي آمد کي هن رخ ۾ ڏسندا آهيون تہ اسلام کان اڳ مذهبي رسمون، جهڙوڪ بتن جي پوڄا، نذرو نياز، قبرن تي پڙ چاڙهڻ وغيره جيڪي هئاسي ختم ڪري، ان جي جڳهہ تي الله جي عبادت ۽ خاص الله لاءِ نذر و نياز ۽ قربانيءَ جو نظام جوڙيو ۽ مروج ڪيو ويو. شرڪ ۽ ڪفر جو تعبير بہ اسان وٽ ان ئي معنيٰ جي پس منظر مطابق هلندو اچي تہ اسلام کان اڳ واريون بت پرستيءَ، نذر نياز ۽ چڙهاون واريون رسمون شرڪ ۽ ڪفر آهن ۽ پوءِ واريون الله جي سجدي ۽ عبادت وغيره واريون رسمون اسلام آهن. حالانڪ انساني زندگيءَ لاءِ اسلامي پروگرام جو هيءُ صرف هڪ پهلو آهي، جنهن کي اسان ڪل اسلام ۽ ڪل دين سمجهي ويٺا آهيون.

هن ئي تصور تحت عبادت ڪندڙ ۽ عبادت جي لوازمات جو خيال رکندڙ ماڻهو نيڪ، صالح، متقي، پرهيزگار ۽ فرمانبردار ٻانهو سڏيو ويندو آهي. عبادت ۽ ان جي لوازمات کان پري ٿيل بدڪار، غيرصالح، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کان پري ۽ نافرمان تصور ٿيندو آهي. هن تصور تحت جيڪڏهن آمريڪي سامراجيت جو چيمپئن صدر اوباما ٻين سڀني سامراجي استحصالي علامتن رکڻ باوجود جيڪڏهن صرف ڪلمو پڙهي تہ مسلمان ۽ نماز روزو رکي تہ نيڪ صالح ۽ نمازي سڏجڻ ۾ ايندو. جيئن پاڪستان جو ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياء ڪن ڏرين وٽ "شهيد صدر" ۽ "اسلام جو چيمپئن" سڏجڻ ۾ آيو. اهڙيءَ طرح هڪ وڏو صنعتڪار ۽ سرمائيدار نماز روزي، حج ۽ زڪوات جو پابند ۽ وضع قطع ۾ پرهيزگارن وانگر ٿيڻ سان پرهيزگار، متقي ۽ الله وارو ٿي ويندو. ٻئي پاسي کان صورتحال هي آهي تہ اهو جنهن سرمائي، صنعت ۽ مل جو مالڪ آهي اهو سڀ مروج سرمائيدارانہ نظام جي پيداوار آهي، جيڪو پورهئي جي استحصال واري ظلم ۽ ناانصافيءَ تي بيٺل آهي. ڇا هنن ديني اصطلاحن جهڙوڪ تقويٰ پرهيزگاري، الله جي فرمانبرداري ۽ اطاعت جو تعلق زندگيءَ جي ٻين شعبن سان ڪونهي؟ مخلوق جيڪا الله جو عيال آهي انهن سا ن عدل ۽ احسان جي واٽ هلڻ، اخلاقيات ۽ معاملات کي الله جي حڪمن مطابق نڀاهڻ آخر تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو بنياد ڇو نہ آهن؟ ظاهر آهي تہ الله جا



حڪم زندگيءَ جي ٻين شعبن لاءِ بہ آهن، تہ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو تعلق انهن شعبن سان بہ ٿيندو. ان صورت ۾ ٻين شعبن بابت حڪمن کي نظرانداز ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۽ تقويٰ جي تصورن کي مڪمل ڪيئن ٿو بنائي سگهجي.

اسلام بابت هيءَ ڳالهہ اڪثر ذهنن کي سولائيءَ سان مڃڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ ان جون معيشت ۽ اقتصاديات بابت بہ ڪي رهنمايون آهن. پر جڏهن اسان قرآن شريف جو بغور مطالعو ڪريون ٿا ۽ قرآن کي روايتي مذهبيت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل پنهنجي ذهني فوبيائن کان آزاد ٿي ڏسون ٿا تہ يقين ڪرڻو پوي ٿو تہ اسلام معيشت جي نظام کي پنهنجي ديني نظام ۾ بنيادي اهميت جو موضوع قرار ڏنو آهي. ان ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداري، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا تصور بہ معيشت جي نظام جي صحيح بنيادن تي قيام ۽ عدل ۽ انصاف، ظلم ۽ استحصال کان پاڪ ٿيڻ کان سواءِ مڪمل نہ ٿا ٿي سگهن.

**تقويٰ:**

تقويٰ جي لفظ جي اسان معنيٰ ڪندا آهيون پرهيزگاري. ان جي معنيٰ جي وڌيڪ تفصيل کي ڇڏي ساديءَ طرح ان جي مطلب ۽ معنيٰ مطابق مفهوم آهي الله جي نافرمانيءَ کان بچڻ ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ. پر اها تقويٰ ۽ پرهيزگاري زندگيءَ جي اقتصادي حڪمن تي عمل سان بہ اهڙو ئي تعلق رکي ٿي. جيئن ان جو تعلق ٻين مختلف عملن سان پڻ آهي. ان جو قرآن شريف جي چند هدايتن جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪنداسين تہ ڳالهہ واضح ٿيندي.

سورة "الليل" ۾ الله جو فرمان آهي.

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ﴿١﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ﴿٢﴾ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٣﴾ (آيت 1 کان 3)

رات جو قسم جڏهن اها ڍڪي ٿي، ڏينهن جو قسم جڏهن اهو روشن ٿئي ٿو ۽ جيڪو نر ۽ مادي پيدا ڪيو اٿس ان جو قسم.

رات ۽ ڏينهن جي فرق ۽ مذڪر ۽ مؤنث جي فرق جيان الله سائين فرمائي ٿو. اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ﴿٤﴾ "اوهان جون ڪوششون بہ مختلف (قسمن) جون آهن."

انهن مختلف قسمن ۽ الڳ رخن ۾ ٿيندڙ ڪوششن منجهان هڪ ڪوشش انهن ماڻهن جي آهي، جن جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو: فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى ﴿٥﴾ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ﴿٦﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ﴿٧﴾ "پوءِ جنهن شخص ڏنو ۽ تقويٰ اختيار ڪئي ۽ (خلقٽهار جي هن) تمام چڱي ڳالهہ کي سچو سمجهيائين تہ ان لاءِ (زندگي) آساني ڪنداسين."

۽ ٻي ڪوشس انهن ماڻهن جي آهي جن باري ۾ فرمان آهي. وَ اَمَّا مَنْۢ بَخِلَ وَ اسْتَغْنٰى ﴿٨﴾ وَ كَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ﴿٩﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰى ﴿١٠﴾ "۽ جنهن شخص بخل ڪيو ۽ بيپرواهي ڪئي ۽ (خلقٽهار جي هن) تمام چڱي ڳالهہ کي ڪوڙو ڪيو تہ ان (جي زندگيءَ) کي تمام مشڪل رستي تي لڳائي ڇڏينداسين."

هنن ٻن مختلف قسمن جو بيان ڪندڙ هيءُ آيتون اهو واضح ٿيون ڪن تہ هڪ روش ڏيڻ جي آهي. جنهن کي آيت ۾ "لفظ اعطيٰ" اسان بيان ڪيو ويو آهي. ان کي الله تعاليٰ

ساراهيو بہ آهي تہ گڏوگڏ ان کي تقويٰ اختيار ڪرڻ سان تعبير بہ ڪيو آهي جيئن سورت جي ايندڙ آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ: وَ سَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿١٧﴾ الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿١٨﴾ "ان (باهہ کان) پرهيزگار کي بچايو ويندو جيڪو پنهنجو مال ڏئي ٿو ۽ پاڪ ٿئي ٿو."

ٻي روش بخل جي آهي، نہ ڏيڻ جي آهي، ان جي مذمت ڪئي وئي آهي ۽ ان کي بي پرواهيءَ سان تعبير بہ ڪيو ويو آهي. حاصل مفهوم اهو ٿيو تہ هڪ عمل ڏيڻ جو آهي، جيڪو جابجا قرآن ۾ يقيمون الصلواة جي حڪم سان گڏ ومما رزقناهم ينفقون جي لفظن سان تعبير ٿيندو رهيو آهي. هن آيت ۾ الله تعاليٰ ان کي تقويٰ سڏيو آهي. هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪو الله جي رستي ۾ مال خرچ نہ ٿو ڪري، ۽ ڏيڻ جي واٽ تي نٿو هلي اهو متقي ناهي. بلڪ الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ ۽ ڏيڻ سان ئي تقويٰ جو تعلق آهي.

ان جي مقابلي ۾ ٻيو عمل بخل جو آهي، يعني الله جي رستي ۾ خرچ نہ ڪرڻ جو. جيڪو تقويٰ جي بلڪل منافي ۽ ان جو ضد آهي. جنهن جو مطلب اهو ٿيندو تہ بخل ڪرڻ وارو ۽ الله جي رستي ۾ نہ ڏيڻ وارو متقي نٿو ٿي سگهي.

هتي هڪ خاص ڳالهہ سمجهڻ جي آهي تہ ماڻهو بخل ڇو ٿو ڪري، الله جي رستي ۾ ڇو نٿو ڏئي. بخل ۽ نہ ڏيڻ جا مختلف سبب ٿين ٿا. هڪ ماڻهوءَ وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي، اهو بہ ڪونہ ڏيندو. هڪ ماڻهوءَ وٽ صرف هڪ ڏينهن يا هڪ مهيني يا هڪ سال جو قوت گذر آهي. اهو ان خوف کان نہ ڏيندو تہ ڏئي ڇڏيندس تہ سڀاڻي ڪٿان کائيندس. پگهار کان اڳ ڪٿان پوري ڪندس. فصل لهڻ کان اڳ اناج ڪٿي پيو تہ ڪٿان پوري ڪندس. هن قسم جي ماڻهوءَ لاءِ ئي حڪم آهي تہ وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَ لَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿٢٩﴾ (بني اسرائيل-٢٩) "پنهنجو هٿ ڪنڌ سان ٻڌل بہ نہ رک يعني هرحال ۾ بخيليءَ جي واٽ نہ وٺ ۽ هٿ کي بلڪل کولي بہ نہ ڇڏ جو وري پاڻ ملول ٿيڻو پوي." انهن ٻنهي صورتن جي مقابلي ۾ هڪ ماڻهو بچايو رکيو ويٺو آهي پر ڏئي نہ ٿو. اهو ڇو نہ ٿو ڏئي؟ جواب ظاهر آهي تہ اهو ان ڪري نٿو ڏئي تہ ڏيڻ سان سندس گهٽي مال گڏ ڪرڻ سرمايو ميڙڻ، شاهوڪار ۽ سرمائيدار ٿيڻ جي خواهش پوري ٿيڻ کي خطرو لاحق ٿئي ٿو. الله تعاليٰ هن پوئين صورت واري بخل کي تقويٰ جو ضد سڏي ٿو. ٻين لفظن ۾ الله تعاليٰ سرمائيداريءَ جي طلب ناڻي جي ميڙ ميڙان کي تقويٰ جي خلاف سڏي ٿو. هاڻي اوهان آيت جي لفظن ۾ گهرائيءَ سان نظر ڪيو تہ جيڪو "اعطيٰ" ڏئي ٿو تہ اهو "واتقيٰ" تقويٰ ٿو ماڻي. ۽ جيڪو "بخيل" بخل ٿو ڪري اهو "استغنيٰ" شاهوڪاري ٿو طلبي، سرمائيداري ٿو طلبي.

ترجمي ۾ استغنيٰ جي معنيٰ بيپرواهي ڪيل آهي، جيڪا لفظ جي اصل معنيٰ آهي، پر جڏهن اها بيپرواهي معاش جي نسبت سان هجي تہ ان مان شاهوڪاري جي طلب مراد ٿيندي آهي. جيئن لفظ "غني" الله جو صفاتي نالو آهي معنيٰ اٿس "بي پرواهہ" پر ساڳئي وقت ان جي معنيٰ "شاهوڪار" بہ آهي.

ان طرح ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ، جيڪو تقويٰ جو عمل سڏجي ٿو، سادو ۽ مٿاڇرو عمل ناهي، بلڪ هيءُ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو متقي انسان جي زندگيءَ جي هڪ مسلسل



معاشي روش جي نشاندهي ڪري ٿو. جنهن مطابق متقي انسان جي زندگيءَ جو محور، ڏيڻ آهي. ان جون سموريون محنتون ۽ ڪاوشون ڏيڻ لاءِ آهن. پوءِ اهو ماڻهو جيترو حاصل ڪري ٿو، هڪ خاص ترتيب سان پنهنجي ضرورتن جي پورائي کان پوءِ، ٻين جي ضرورتن لاءِ ڏئي ٿو ڇڏي.

اهڙيءَ طرح بخل جي قسم وارو عمل بہ سادو ۽ مٿاڇرو ناهي، جيئن اسان ماڻهو اڪثر قناعت ۽ ڪفايت شعاريءَ کي بہ بخل سڏي ونندا آهيون. فلاڻو بخيل آهي، سنگت ۾ خرچ ئي نٿو ڪري. هتي اهو بخل ناهي. هن بخل مان مراد هڪ اهڙو باضابطہ عمل آهي، جنهن سان ماڻهو سرمائيداري ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب جي راهہ ۾ هلي ٿو، سندس زندگيءَ جو محور آهي گهٽي کان گهڻو سرمايو گڏ ڪرڻ.

هن ئي قسم جي روش رکندڙن سرمائي پرستن کي الله تعاليٰ ساڳي سورة جي اڳين آيتن ۾ للڪاري ٿو. وَ اِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَ الْاُوْلٰى ﴿١٣﴾ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ﴿١٤﴾ لَا يَصْلٰهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ﴿١٥﴾ الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿١٦﴾ "۽ اسان لاءِ آهي آخرت ۽ دنيا (اڄ بہ سڀاڻ بہ) پوءِ ڊيڄاريان ٿو اوهان کي ڇپين واري، ڀڙڪندڙ، شعلہ انگيز باهہ کان جنهن ۾ اهڙي بدبخت کان سواءِ ٻيو نہ وڌو ويندو، جنهن ڪوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو (مراد سرمائي پرست بخيل آهي جنهن بخل ڪيو، شاهوڪاري طلبي ۽ خلقٺهار جي هن تمام چڱي ڳالهہ کي ڪوڙو ڪيو.)"

اهڙيءَ طرح هيءَ للڪار بہ دل ڏڪائيندڙ آهي، جيڪا قرآن جي پهرين وحي جي لفظن سان گڏ آيل آهي، جيتوڻيڪ پهرين وحي ناهي پر ابتدائي وحين مان هڪ ضرور آهي، ساڳئي ئي سرمائي پرست کي للڪار آهي. كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى ﴿٦﴾ (العلق-٦) "خبردار انسان حدون لتاڙي وڃيون آهن، ("ليطغيٰ" هن لفظ تي الڳ بحث اڳتي ڪبو.) هو پاڻ کي سرمائي پرست ڏسڻ ٿو گهري. (استغنيٰ وارو ساڳيو لفظ آهي جيڪو مٿين آيتن ۾ ذڪر ٿيو.)

تفسيرن هن انسان مان ابوجهل مراد ورتو آهي پر مقصد هر سرمائي پرست آهي. عام طور ابوجهل کي هڪ بت پرست جي وصفن سان موصوف شخص سمجهيو ويندو آهي، پر لفظ استغنيٰ سان ان جي بت پرست شخص هئڻ سان گڏ هڪ سرمائي پرست شخص طور سڃاڻپ ٿئي ٿي، اهو سرمائي پرست ۽ بت پرست انسان: اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ﴿٩﴾ عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ﴿١٠﴾ (العلق-٩،١٠) "تو ڏٺو! جيڪو روڪي ٿو ٻانهي کي جڏهن اهو نماز ٿو پڙهي." اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ﴿١١﴾ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ﴿١٢﴾ (العلق-١٢،١١) "تو ڏٺو! تہ اهو هدايت تي آهي ۽ تقويٰ جو حڪم ٿو ڪري."

نماز پڙهندڙ ٻندي مان مراد نبي ﷺ جن آهن، جن کي اهو بت پرست ۽ سرمائي پرست شخص نماز پڙهائڻ ۽ تقويٰ جي حڪم ڪرڻ کان روڪي ٿو.

هتي هڪ لمحي لاءِ سوچيو! جيڪڏهن سرڪش انسان کي سرمائي پرست انسان جي تناظر ۾ ڏسڻ بجاءِ صرف بت پرستي جي تناظر ۾ ڏسجي تہ پوءِ اهو بت پرست الله جي صرف پرستش کان روڪيندڙ محسوس ٿيندو ۽ جنهن نماز کان روڪي ٿو اها بہ صرف پرستش جو عمل سمجهہ ۾ ايندي. پر جيڪڏهن سرڪشيءَ کي لفظ "استغنيٰ" جي مٿي ذڪر ٿيل سرمائي ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب واري روش جي تناظر ۾ ڏسبو ۽ تقويٰ کي ڏيڻ

۽ خرچ ڪرڻ واري روش جي تناظر ۾ ڏسبو ته سرڪش انسان (ابوجهل) هڪ بت پرست هئڻ سان گڏ سرمائي پرست شخص ۽ نبي ﷺ پرستش جي موحدانه روايتن جي امين هئڻ سان گڏ هڪ سرمائي شڪن، تقويٰ واري ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ واري روش جو ڏس ڏيندڙ الله جو ٻانهو سمجهه ۾ ايندو. جنهن جي نماز حضرت شعيب عليه السلام جي نماز وانگر صرف بت شڪنيءَ جو درس نه پر سرمائي شڪنيءَ جو درس ڏيندڙ به آهي. جيئن قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي: قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿۸۷﴾(هود آيت 87) ”اي شعيب ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ٿي ڪري ته اهو ڇڏي ڏيون جنهن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا يا اسان پنهنجي مالن ۾ جيڪو (واڌارو) ڪرڻ گهرون ٿا اهو ڇڏي ڏيون.“

هيءُ ڏسو ۽ سمجهو ته سرڪش ابوجهل هڪ سرمائي پرست جي حيثيت سان الله جي بندي محمد ﷺ کي نماز کان ڇو ٿو روڪي. ڇا هيءَ نماز ان جي صرف بتن جي مخالف هئي يا هيءَ نماز سرمائي جي واڌاري ڪرڻ کان به روڪيندڙ آهي. اهو سڀ سمجهڻ کانپوءِ هاڻي اچو انهن آيتن تي جيڪي سرمائي پرست انسان لاءِ للڪار آهن. كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۵ لَنَسْفَعًا بِالنَّاصِيَةِ ﴿۱۵﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ﴿۱۶﴾ فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ﴿۱۷﴾ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿۱۸﴾ (العلق-۱۸،۱۵) ”خبردار جيڪڏهن اهو (پنهنجي اهڙي روش کان) نه مڙيو ته ضرور ان کي چوٽيءَ کان جهلي گهليندا سين، جيڪا چوٽي ڪوڙي گنهگار آهي پوءِ ڀل ته پنهنجي ڪچهريءَ وارن کي سڏي (جن جي آسري تي ڪڏندو هو) اسين به پنهنجي سپاهين کي سڏيندا سين.“

سورة علق جي آيتن ۾ ”اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰى“ آيو آهي ان ۾ يطغي لفظ جنهن مادي ۽ معنيٰ وارو آهي اها معنيٰ ۽ ان مادي جا ٻيا لفظ به قرآن ۾ استعمال ٿيا آهن. ان جي معنيٰ صاف ۽ ظاهر آهي سرڪشي ۽ حد لنگهي وڃڻ. سورة علق جي آيتن ۾ ابوجهل جي سرڪشيءَ جو ذڪر آهي ان جي سرڪشيءَ ۾ بنيادي سرڪشي سرمائي پرستي، سرمائي وڌائڻ ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب واري روش آهي. اهڙيءَ طرح قرآن ۾ جتي به سرڪشي جو ذڪر اچي اتي ان مان سرڪشيءَ جو هيءُ پهلو به ضرور نظر ۾ رکڻو پوندو. جيئن ”اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿۲۴﴾“ (طٰهٰ۲۴-) اهڙيءَ سرڪشي ڪندڙن لاءِ ئي قرآن ۾ ”طاغوت“ جو لفظ آيل آهي جنهن مان سرمائيدار جيئن نمرود ۽ والار پسند ظالم حڪمران جيئن فرعون ۽ اهڙا ٻيا مراد آهن.

هدايت ۽ گمراهي ٻن متضاد سوچن جي طور اسان وٽ سڃاتل رهيون آهن، مٿي جن ٻن روشن جو ذڪر ٿيو هڪ تقويٰ ۽ خرچ ڪرڻ واري ۽ ٻي سرمائي پرستيءَ ۽ مال ۾ واڌاري ڪرڻ واري، انهن ٻن روشن کي به هدايت ۽ گمراهيءَ جي روش سمجهڻ گهرجي. جيئن قرآن شريف جي سورة فاتحه ۾ هدايت جو سڌو رستو طلب ڪرڻ ۽ گمراهن جي رستي کان بچڻ جي دعا آيل آهي. هدايت ۽ گمراهيءَ جي ٻن رستن کي مٿي ذڪر ڪيل ٻن روشن جي تناظر ۾ الله تعاليٰ هن طرح بيان فرمايو آهي. وَ هَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ﴿۱۰﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿۱۱﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ﴿۱۲﴾ فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿۱۳﴾ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ﴿۱۴﴾ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿۱۵﴾ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿۱۶﴾ (البلد-۱۰،۱۶) ”۽ اسان ان کي (هدايت ۽ گمراهي جا) ٻه شاهي



رستا ڏيکاريا آهن. پر هو لڪ لنگهي نه سگهيو. توکي ڪهڙي خبر لڪ ڇا آهي اهو غلام آزاد ڪرڻ آهي. يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻ آهي، مٿي مائٽيءَ واري يتيم کي يا مٽيءَ هاڻي مسڪين کي.“

هي هدايت جي روش آهي. صاف ظاهر آهي ته گمراهيءَ جي روش ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ بجاءِ سرمائي ۾ واڌاري ڪرڻ واري روش آهي. ڏسو انهيءَ روش جي مذمت سان گڏ سورة مدثر جي هنن آيتن ۾ الله اهڙي روش وارن کي ڪيئن للڪاريو آهي. ذَرْنِيْ وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا ﴿۱۱﴾ وَّ جَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ﴿۱۲﴾ وَّ بَنِيْنَ شُهُوْدًا ﴿۱۳﴾ وَّ مَهَّدْتُّ لَهٗ تَمْهِيْدًا ﴿۱۴﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ﴿۱۵﴾(سورة مدثر، آيت ۱۱-۱۵) ”مون کي ۽ جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو آهي ڇڏي ڏي، جنهن کي مون وڏو مال ڏنو آهي ۽ حاضر پٽ به ڏنا اٿم. ان لاءِ (دنيا جي سڀ شيءِ) چڱيءَ طرح پڪيڙي ڇڏي اٿم، پر پوءِ به هو (خرچ ڪرڻ بجاءِ) طمع ٿو رکي ته ان کي وڌيڪ ڏيان.

اهڙيءَ طرح وڌيڪ حاصل ڪرڻ مال وڌائڻ سرمائي پرستيءَ جي سورة تڪاثر ۾ به مذمت ڪئي وئي آهي، سورة همزه ۾ مال جمع ڪندڙ ۽ ان کي ڳڻيندڙ جي مذمت ڪئي وئي آهي، اهي سڀ لامحدود سرمائي جي حصول کي رد ڪندڙ قرآني هدايتون آهن ۽ تقويٰ جو بنياد آهن.

لامحدود سرمائي جي حصول جي روش هڪ اهڙي خطرناڪ روش آهي جيڪا انيڪ گناهن ۽ نافرمانين جو سبب بڻبي آهي، ۽ اها روش زمين تي گوناگون فسادن ۽ خرابين جي موجب ٿيندي آهي. مثال طور هي روش ئي ماپ تور ۾ يعني حقدار کي پورو حق ڏيڻ ۾ کوٽ ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي ۽ ماڻهن جي حقن ۾ ۽ انهن جي پورهئي جي معاوضي ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي ۽ نتيجي ۾ زمين فساد جو مرڪز بڻبي آهي. الله تعاليٰ ان ڳالهه کي هن طرح بيان ڪيو آهي. وَ يٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾(سورة هود آيت 85) ”ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪريو، ماڻهن کي سندس شيون ڪٽائي نه ڏيو. ۽ زمين ۾ فسادي ٿي بگيڙو نه وجهو.“

اها سرمائي پرستي آهي جيڪو مزدور جي مزدور جي محنت آڌار مزدوري ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. مزدور جي اجرت گهٽ ڏيڻ سان ئي سرمائي ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح سرمائي پرستي شين جي قيمتن مقرر ڪرڻ ۾ انصاف کي ڪڏهن به قبول نه ڪندي. ڇاڪاڻ ته بي تحاشا منافعو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن هو ماڻهن جي ضرورتن ۽ مجبوريءَ مان ناجائز فائدا وٺندا. ڇا هڪ سرمائيدار جيڪو مزدورن کي انصاف ڀري اجرت نه ڏئي ۽ انهن جي بي روزگاري واري مجبوريءَ جو فائدو وٺي معاوضو مقرر ڪري ۽ انهن جي بنيادي ضرورتن جو لحاظ رکي معاوضو مقرر نه ڪري، اهڙي طرح ڪروڙين رپيا ناجائز طرح منافعو ڪمائي يا شين جي ناجائز قيمتن مان ڪروڙن جو منافعو ڪمائي ڇا اهو صرف زڪوات جا چند هزار يا چند لک ڏئي پنهنجو مال حلال ڪري سگهي ٿو؟ اها ئي سرمائيداريت هڪ ازم بڻجي ويندي آهي ۽ الله جي مشيت هوندي آهي ته اهو نظام نابود ٿئي. ان صورت ۾ الله جي مڃيندڙن جي مٿان فرض بيهندو آهي ته اهي اهڙي نظام جي بربادي لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جا ساٿاري ٿين.

نور احمد ميمڻ

# بروهو پنيور آرياٽي ۽ اجاريو

حضرت محمد ﷺ جڏهن وڏي تبديليءَ جو سوچيو ته سڀ کان پهريائين پنهنجي شخصيت کي ان اينڌڙ تبديليءَ جو مثالي نمونو بڻايو. چاليهن سالن تائين مکي ۾ گذاريل جوانيءَ واري زندگيءَ لاءِ اتان جي هر عرب کان اهو ٻڌو ويندوهو ته محمد بن عبدالله انهيءَ شان سان جوان ٿيو جو پنهنجي قوم ۾ سڀني کان وڌيڪ بااخلاق، پاڙيسرين جي خبر لهڻ وارو، حَليم ۽ بردبار، صادق ۽ امين، جهڳڙي ۽ ابهرائيءَ کان پري رهڻ وارو هو. جوانيءَ جي عمر کي پهتو ته مکي ۾ اينڌڙ مسافرن جي سار سنڀال، مسکينن جي مدد ۽ مظلومن جي دادرسيءَ کي پنهنجو شعار بڻائي ڇڏيائين. پنهنجي ٻن دوستن ابوبکر صديق ۽ حکيم بن حزام سان گڏجي سماجي ڀلائيءَ جي مشنري ڪمن ۾ هميشه جنبيل رهيو. پنهنجي وڏڙن جي تجارتي مشغلي ۾ شريڪ ٿيو ته اتي به صادق ۽ امين جي سڃاڻ حاصل ڪائين.

تجارت مان جيڪو به نفعو ڪمائيندو هو سو محروم ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ خرچي ڇڏيندو هو. مکي جي تاجر عورت خديجه سان سندس شادي ٿي ته پنهنجي موڙيءَ سان گڏ ان جي موڙي به مشنري سرگرمين، ۾ خرچي ڇڏيائين. ڪوبه سوالي وٽانئس خالي نه موٽندو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ حالت اها وڃي بيهندي هئي جو سندس گهر جي چلهه ۾ ٽي ٽي ڏينهن باهه ڪونه ٻرندي هئي.

هاڻي حضرت محمد  اهو ڪردار ۽ اها شخصيت کڻي مکي جي پهاڙيءَ تي اچي بيهي رهيو ۽ ماڻهن کي سڏي چيائين ته منهنجي چاليهه ساله ڪردار جي روشنيءَ ۾ ٻڌايو ته جيڪڏهن مان اوهان کي اينڌڙ خطري کان آگاهه ڪريان ته مون تي اعتبار ڪندؤ. ان تي سڀني ماڻهن هڪ ئي آواز ۾ چيو ته تنهنجي شخصيت جي باري ۾ ڪي به ٻه رايا ڪونهن. تون سچار ۽ امين آهين. تون پنهنجي ڳالهه ڪر. حضرت محمد ﷺ ان وقت ڪنهن به معجزي جي حيرانگيءَ ذريعي پنهنجي سچائيءَ جو اعتبار قائم ڪرائڻ بجاءِ پنهنجي ڪردار جي مضبوطيءَ ذريعي هڪ وڏي انساني سماجي تبديليءَ جو آغاز ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته هو جنهن نئين انساني دور کي جنم ڏئي رهيو هو اهو دور علم، عقل ۽ استدلال جو دور هو اتي معجزن ۽ ڪرامتن سان ڪم هلڻو ئي ڪونه هو.

اهڙي طرح سان هن آئيندي جي سڄي انسانيت کي پيغام ڏئي ڇڏيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي به تبديليءَ جي ڪم ۾ هٿ وجهڻو آهي ته اهو سڀ کان پهريائين پنهنجي ڪردار کي اڳيان پيش ڪري ۽ جيڪڏهن ڪردار ۽ شخصيت جي تياري ڪرڻ ڪنهن لاءِ مشڪل ڪم آهي ته پوءِ اهو هرويرو دل پشوري نه ڪري ۽ تبديلي ۽ انقلاب جي ڪم کان پري وڃي.



حضرت محمدﷺ کان سندس خدا جي پاران سپرد ڪيل پيغمبراڻي ذميدارين جي متعلق جڏهن ماڻهو معجزن جي صداقت گهرندا هئا تڏهن به هو ڪين چوندو هو ته پيارؤ! مان توهان جي وچ ۾ هڪ پوري عمر گذاري آهي. اوهان پنهنجي حافظي تي زور ڏيو ان زندگيءَ جي هرهڪ گهڙي ۽ واقعي مان ڪو اهڙو لمحو آهي، جنهن سان اوهان منهنجي سچائيءَ تي شبهو ڪري سگهو. هي چيلينج پوري قوم کي ڏنائون ۽ ان جي ترديد ۾ ڪنهن هڪ لفظ به نه ڪڇيو، ڪنهن به ماڻهوءَ جي آئيني صفت هئڻ جي انهيءَ کان وڌيڪ شاهدي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو دشمنن جي هجوم ۾ پنهنجي گذاريل زندگيءَ کي ثبوت طور پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي سامهون سڀني جون اکيون هيٺ جهڪي وڃن.

پر هاءِ بدقسمتي ڏسو ته دنيا جي ايڏي وڏي عملي انسان جي پوئلڳن مان ڪيترن ئي ماڻهن هن جي عملي ڪردار کي پنهنجو نمونو بنائڻ بجاءِ وضع قطع جي ڪجھ طريقن کي پنهنجي اتباع جو دليل بڻائي ورتو. دنيا جي ان عظيم انسان جي شخصيت جي عظمت کي سندس روين ۽ جهد، سندس عظيم پيغام ۽ طريقن ۽ مٿير مڙس تي ٻيهڻ جي نمونن بجاءِ ساڻس منسوب معجزن ۾ تلاشڻ شروع ڪيو. انسانن ۽ سماج ۾ سڄٽاپ ۽ تبديليءَ جي ڪمن ۾ جنبي وڃڻ جي بجاءِ پنهنجي سمورين عقيدتن ۽ نسبتن کي سال جي هڪ مخصوص ڏينهن تي روشنيون ڪري روڊن تي جلوس ڪڍڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيو. انهن پوئلڳن حضرت محمد ﷺ جي توحيد واري پيغام جي اصل نوعيت جاچڻ جي تڪليف ئي نه ورتي ته ڪيئن توحيد جو اهو پيغام انسانن کي سڀني غلامين مان نجات ڏئي هڪ الله جي بندگيءَ ۾ آڻڻ جي هڪ وڏي صداقت هو. توڙي جو قرآن ۾ ڪين ٻڌايو ويو هو ته اسان حضرت محمد ﷺ کي انساني غلامين جي خاتمي لاءِ ائين ئي موڪليو آهي جيئن حضرت موسيٰ کي فرعون ڏانهن انساني غلامين جي خاتمي لاءِ موڪليو هيوسون. (المزمل-15) انساني آزادين جو اهو پروگرام ئي ته هو جنهن تي مکي جا اهي سڀ حاڪم سردار چڙي پيا هئا، جن پنهنجي پنهنجي دائري ۾ حاڪماڻي الوهيت جا اختيار ورهائي رکي ڇڏيا هئا. انهن مکي جي حاڪم سردارن ۽ دولتمندن کي انهيءَ ڳالهه تي ارهائي ڪونه هئي ته الله جي پاران نبي ڇو آيو آهي؟ نبيءَ  جو اچڻ ته انهن لاءِ سعادت ۽ معتبريءَ جي ڳالهه هئي جو حضرت ابراهيم جي اولاد مان هئڻ ناتي نبيءَ جو اچڻ وري نئين سر ڪين دنيا جو امام بڻائيندڙ خوشخبري هئي. پر ان جي باوجود هنن حضرت محمد ﷺ جو تيرهن سالن تائين جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو. مکي جي بازارن ۾ ڪيس لوفرن کان تنگ ڪرايو، پٿر هڻايا، گند اڇلرايو، طائف جي واديءَ ۾ رتو ڇاڻ ڪرايو، سو سڀ انهيءَ ڪري ته حضرت محمد جي پاران توحيد جي دعوت هنن جي حاڪماڻي سرداري نظام جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل انسانن واسطي آزاديءَ جو پيغام هو. سڀني الاهن جو انڪار هو ۽ اهي سردار ۽ دولتمند الاهه جي معنيٰ ۽ مطلب کان آگاهه هئا ته اها موجود مدي خارج نظام جي خاتمي ۽ ان جي جاءِ تي برابري، احترام آدميت ۽ غريب طبقن کي مٿي کڻي اچڻ جي ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ جو ڇتي ڇڏڻ بيحد ضروري آهي. مکي جا حاڪم سردار واضح لفظن ۾ چوندا هئا ته نبي اچي ڀلي اچي پر اها ڪهڙي اوندهه آهي ته جبرئيل کي خدا جو پيغام آڻڻ لاءِ صرف اهو ماڻهو سجهي پيو جيڪو يتيم آهي، هيٺين ڪلاس سان اٿي ويهي ٿو ۽ انهن جي لاءِ جيئي مري ٿو. جتي ڪٿي غريبن سان ٻٽ ٻيٺو آهي. ڏسو ته بازار ۽

ميلن ۾ بہ نظر ٿو اچي. نبي اسان سردار ڪلاس جي ماڻهن مان ٿيڻ گهرجي. وري جڏهن ڏٺئون تہ هي ماڻهو صفا پنهنجي ڳالهہ تان نٿو لهي تہ پوءِ ڪيس پيشڪش ڪيائون تہ توکي ناهوڪي مائي بہ ڪڍي ٿا ڏيون، دولت جا انبار بہ ڏيون ٿا ۽ حاڪماڻي سرداريءَ جي پڳ بہ ٻڌايون ٿا، تون رڳو اسان جي ڪلاس ۾ شامل ٿي وڃ. اهڙو پيغام سندس چاچي جي هٿان بہ موڪلرايائون پر ان تي حضرت محمد ﷺ جيڪو جواب ڏنو سو بہ عظمت ۽ استقلال جي دنيا ۾ انهن اصلي لفظن ۾ اڄ ڏينهن سوڌو محفوظ رهندو آيو آهي. وراڻيائون: ”چاچا هي مڪي وارا جيڪڏهن منهنجي ساڄي هٿ تي ٿهڪندڙ سج آڻي رکن ۽ کاٻي هٿ تي ٻرندڙ چنڊ آڻي رکن تہ بہ مان محمد پنهنجي پروگرام تان تر جيترو بہ پوئتي نہ هٽندس.“

حضرت محمد ﷺ جيڪو خدائي پيغام ڏنو ان ۾ صاف صاف چيل هو تہ ڪبريائي، تقديس ۽ شڪر صرف الله جي ذات جي لاءِ آهي باقي ڌرتيءَ تي سڀ ان جا ٻانها آهيون. الله پنهنجي ٻانهپ ميرائڻ جي امتحان لاءِ هتي موڪليو آهي. سرڪش طاقتورن جو خدائي تسلط ان امتحان ۾ رڪاوٽ آهي. انهيءَ ڪري ڌرتيءَ مٿان ڪمزورن جي غلبي ۽ عدل انصاف جو قيام الله تعاليٰ جي مشيت آهي. (القصص_ 5) ۽ مستڪبرن يعني سرڪش سردارن ۽ دولتمندن جي نظام جو خاتمو بہ ساڳي طرح الله تعاليٰ مشيت ۽ تقاضا آهي.

حضرت محمد ﷺ الله جي ان مشيت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ نہ صرف عرب جزيري مان سردارن جي حاڪماڻي نظام جو خاتمو ڪيو پر ان نظام جي اصل محافظ سپر طاقتن قيصر ۽ ڪسريٰ جي سرڪش ۽ سرمائيداراڻين سلطنتن جي خاتمي جو ٽاسڪ پنهنجي پولٽ بيورو خليفن کي ڏنو. ان سان گڏ توحيد جي عظيم فڪر تي هڪ نئين نظام جي تشڪيل ڏني جنهن ۾ سڀ انسان هڪ جهڙن حقن جا مالڪ هئا.

دنيا جي تمام مشڪل ڪمن مان هڪ ڪم هيءُ آهي جو ٽڙيل پکڙيل انساني دلين کي الفت جي هڪ رشتي ۾ پوئي وڃي. اهو ڪم ان وقت ويتر ناممڪن ٿي پوندو آهي جڏهن معاملو اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ هجي جيڪي صدين کان هڪ ٻئي سان جنگيون جوٽيندا آيا هجن ۽ انهن جي نفسياتي قالبن ۾ پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ جو ڪوبہ ڍنگ باقي نہ رهيو هجي. حضرت محمد بلڪل اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ پيدا ٿيو. ڏسندي ئي ڏسندي هن جي محنتن سان مڪي ۽ مديني ۾ ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهہ پيدا ٿي پيو جيڪي ڄڻ تہ هڪ نئين قسم جي مخلوق هئا. حضرت محمد ﷺ هڪ دفعو مڪي ۾ جڏهن ڏٺو تہ سندس تحريڪ جا ڪجهہ ماڻهو انتهائي هيٺي حال ۾ آهن تہ هن هوند وارن کي انهن اڻهوند وارن سان ڀائپي ڪرائي انهن جو مال ورهائي ورتو. کيس خدا جي پاران مال جي باري ۾ هي صاف حڪم پهچي چڪو هو تہ ”الله مومنن سان انهن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي.“ (التوبة_ 111) انهيءَ حڪم تي ان جا ساٿي پاڻ کي مال جو مالڪ نہ پر امين سمجهڻ لڳا هئا. تنهنڪري ضرورت پٽاندر انهن کي مال برابر ورهائي ڪٽڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ٿي هئي. اهڙي ڀائپي وري ٻئي موقعي تي حضرت محمد مديني پهچڻ کان پوءِ پنهنجي پوئلڳن جي وچ ۾ ڪرائي، جڏهن مڪي مان عذابن ڪاڙل هيٺن حالن وارا صحابي مهاجر بڻجي مديني پهتا تہ اتان جي هوند وارن انصارن انهن اڻهوند وارن مهاجرن کي ڀاءُ بڻائي پنهنجي مالن جو اڌو اڌ ڪين حوالي ڪيو هو. ايستائين جو هڪ انصاريءَ وٽ بہ گهر واريون هيون تہ هو ڀاءُ بڻايل صحابيءَ لاءِ هڪ گهرواريءَ کي طلاق ڏيڻ تي بہ تيار ٿي ويو هو.



حضرت محمد ﷺ جي آندل پيغام ۽ پروگرام جي عظمت سان گڏ سندس شخصيت جا اهي عملي پهلو هئا جنهن ڪري نہ صرف سندس دور ۾ ماڻهن پنهنجي پاران ان تي پتنگن وانگر پهہ ٿيڻ جي ديوانگي ڏيکاري، پر اڄ ڏينهن سوڌو فڪر ۽ دانش جي صاحبن کي حضرت محمد ﷺ جي انهيءَ اثرانگيزيءَ تي اچرج آهي.

مائيڪل ايچ هارٽ جڏهن دنيا جي هڪ سؤ وڏن ماڻهن جي درجي بندي ڪئي تہ هن وڏي اطمينان سان حضرت محمد جو نالو ان درجي بنديءَ ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي رکيو. هُن لکيو تہ ”مان اهڙن هڪ سؤ ماڻهن جي فهرست ٺاهي، جن دنيا تي سڀ کان وڏيڪ اثر وڌو آهي. پر منهنجي اڳيان هي سوال ڪر ڪٽي بيهي رهيو تہ انهن مان ڪنهن کي اول نمبر تي رکان. انهيءَ لاءِ مون ڪي اصول ٺاهيا جن جو تفصيلي ذڪر اڳتي هلي ايندو. انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ مون محمد ﷺ کي ان فهرست جي منڍ ۾ رکيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو منهنجي چونڊ تي حيران ٿين ۽ ڪي ان تي اعتراض بہ ڪن. پر تاريخ ۾ مون کي اهائي هستي نظر آئي آهي جيڪا مذهبي توڙي دنياوي معاملن ۾ حد کان وڌيڪ ڪامياب ٿي ۽ مون کي جنهن جو ٻيو ڪو بہ مَٽ نہ مليو.“

هن پوئين جملي کي مائيڪل ايچ هارٽ انگريزيءَ جي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

“He was the only man in history who was supremely successful on both the religious and secular levels. (The 100, p33)

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حضرت محمد جي اختيار ڪيل انساني آزادين ۽ سماجوادي طريقن سان گڏ مذهبي رواداري (Secular Levels) پڻ هُن جي ڪاميابين جو وڏو ڪارڻ بڻي. ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي پيغام لاءِ واضح لفظن ۾ چيو تہ ”مون کي جيڪو دين ڏنو ويو آهي اهو حضرت نوح کي بہ ڏنو ويو هو ۽ جنهن تي هلڻ لاءِ حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي حڪم ڏنو ويو. انهن سڀني جي تعليم اهائي هئي تہ الله جو هڪ ئي دين قائم رکو ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ ٽولا ٽولا نہ ٿجو. (شوريٰ_ 13)

هن واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو تہ انساني فطرت جي طبعي تقاضا ۽ سچائي ۽ نيڪيءَ جا تصور انسانيت جو گڏيل ورثو آهن. انهيءَ گڏيل ورثي مٿان ڪنهن بہ ڇاپ قبوليت جوڳي ڪونهي. ”جيڪي ماڻهو انساني سچاين جو انڪار ڪن ٿا، ائين بہ ڪونهي تہ سڀ هڪ ئي طرح جا هجن. انهن اهل ڪتاب مان اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي اصل دين تي قائم آهن، اهي رات جو اٿي ڪري الله جي ڪلام جي تلاوت ڪن ٿا ۽ سندن مٿا ان الله جي سامهون جهڪيل هجن ٿا ۽ اهي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا. ماڻهن کي نيڪيءَ جي واٽ ڏسين ٿا ۽ مداين کان روڪين ٿا ۽ بنا شڪ جي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي نيڪ انسانن مان آهن ۽ ياد رکو تہ اهي ماڻهو جيڪا بہ نيڪي ڪن ٿا، ائين هرگز نہ ٿيندو تہ انهن جو قدر نہ ڪيو وڃي. الله ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙي گروهہ ۾ ڪهڙو پرهيزگار آهي.“ (ال عمران. 113-115)

حضرت محمد پنهنجي خدا جي پاران انساني سچاين ۽ نيڪوڪاريءَ جو اهو معيار پيش ڪيو تہ اها ڪنهن بہ گروهہ ۾ قيد ٿيل ناهي. اهي سچايون انسانيت کي نج صورت ۾ دين جي نالي سان پنهنجي خدا کان مليون هيون. پر مذهبي پوئلڳن پنهنجن غرضن ۽ مفادن خاطر انهن جي مٿان پردا وجهي ڇڏيا. آءٌ اهي پردا هٽائي سچائيءَ جي غلبي جي

ڪم کي مڪمل ڪرڻ آيو آهيان. انهيءَ ڪري پيغمبر هميشه سيني مذهبن جي ماڻهن کي چوندو رهيو ته اچو دنيا جي سڀ کان وڏي سچائي الله جي هيڪڙائي جي باري ۾ توهان وٽ ۽ جيڪو اسان وٽ مشترڪ آهي، انهيءَ سچائيءَ تي انسانيت جي قافلي کي اڳتي وٺي هلون. (آل عمران_ 64)

حضرت محمد جڏهن ڏٺو ته مڪي جا حاڪم سردار طبقا انسانن کي هر قسم جي غلامين مان ڇوٽڪارو ڏياري هڪ الله جي عبديت ۾ آڻڻ واري توحيد جي پيغام کي پنهنجي طبقاتي مفادن جي خلاف سمجهن ٿا ۽ تيرهن سالن جي مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ جيترا به ماڻهو سندس ان پروگرام سان سلهاڙيا آهن تن کي سخت اذيتون ڏين ٿا ۽ آخرڪار سندس حياتيءَ جي پويان پئجي ويا آهن ته مڪي کان مديني اچي پهرين اسلامي رياست جو قيام عمل ۾ آندو. حيرت جي ڳالهه آهي ته حضرت محمد ﷺ ان رياست لاءِ مديني جي رهاڪن، مڪي جي آيل مهاجرن ۽ مديني ۽ آسپاس جي يهودي قبيلن سان جيڪو سماجي معاهدو ڪيو جنهن کي ”ميثاق مدينه“ سڏيو وڃي ٿو ان جا بنياد قومي، سماجوادي ۽ مذهبي رواداريءَ تي مشتمل هئا. ميثاق مدينه جون 52 شقون ۽ ڪن تاريخن مطابق 54 شقون هيون جن ۾ ٽي هيٺيون بنيادي شقون هيون ۽ باقي ان جو تفصيل آهن.

1_ مديني جا هوند وارا مسلمان پنهنجي اٿهوند وارن پائرن جي افلاس ۽ قرض کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار رهندا.

2_ يهودين مان جيڪو رياستي معاهدي جو پابند هوندو، ان کي امداد ۽ مساوات جا هڪ جهڙا حق حاصل هوندا. انهن سان ڪابه زيادتي نه ٿيندي ۽ نه انهن جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي ويندي.

3_ يهودي ۽ مسلمان ۽ جيڪي هن معاهدي ۾ بعد ۾ شريڪ ٿيندا سي سڀ هڪ گڏيل ملت (سياسي وحدت) شمار ٿيندا ۽ يثرب جي ڌرتيءَ جو گڏيل دفاع ڪندا.

هن معاهدي جي مٿين ٽن نڪتن تي غور سان ويچاريو. انسان صدين جي جنگاڻ ۽ صلح ۽ سلامتيءَ جي هزارين تجربن مان گذرڻ کان پوءِ به انهن ٽنهي نڪتن جي چوڌاري ڦرندو رهيو آهي ته گڏيل قوميت، سماجواديت ۽ مذهبي رواداريءَ کان سواءِ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ محال آهي. ليڪن مديني جي ان درويش رهبر انسانيت کي بين الاقواميت ۾ داخل ٿيڻ واري مرحلي تي ئي انساني سوسائٽيءَ کي ڪاميابي ۽ سلامتيءَ سان هلائڻ جي گُرن کان آگاهه ڪري ڇڏيو هو.

مائيڪل ايچ هارٽ انساني تاريخ جي موثر شخصيتن ۾ حضرت محمد کي پهرين نمبر تي رکڻ جا جيڪي سبب ٻڌايا انهن ۾ خاص هي هئا ته ”حضرت محمد ﷺ جي عملي شخصيت مختلف قبيلن ۾ ورهايل لڳاتار ويڙهيون ڪندڙ قبيلن کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪين متحد ڪيو ۽ ڪين هڪ سچي خدا تي ايمان رکڻ سيکاريو. انهيءَ ايمان سببان انهن ۾ اهڙو ته جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو جنهن اڳيان وقت جون وڏيون وڏيون سلطنتون به بيهي نه سگهيون.“ هڪ صديءَ کان به گهٽ عرصي ۾ انهن عرب بدوين انسانن جي مٿان مسلط سرڪش قيصر ۽ ڪسرائي طاقتورن جي اقتدار کي ڊاهي انساني آزادين واري توحيدي سماج اڏڻ جي پيغمبر اسلام جي واعدي تحت هڪ اهڙي سلطنت حاصل ڪري ورتي هئي جيڪا هندستان جي سرحدن کان وٺي انٽلانٽڪ وڏي سمنڊ تائين پکڙيل هئي.



ان جهڙي وسيع سلطنت دنيا اڳي ڪڏهن به نه ڏٺي هئي، ۽ نه وري فتح ٿيل علائقن جي ايڏن ماڻهن هن کان اڳ پنهنجو مذهب مٽايو هو.

مائيڪل سوال ٿو اٿاري ته ”آخر انساني تاريخ تي پيل حضرت محمد ﷺ جي اثر جو ڪاٿو ڪيئن ڪجي؟ ڇڙو اسلام پنهنجي مڃيندڙن تي وڏو اثر نٿو رکي. ٻيا مذهب به پنهنجي مڃيندڙن تي اثر رکن ٿا. دنيا ۾ عيسائين جو انگ ته مسلمانن کان ٽلهي ليکي ٻيڻو آهي. پوءِ هن ڪتاب (The 100) ۾ محمد ﷺ کي عيسيٰ ع کان مٿاهون درجو ملڻ تي، ٿي سگهي ٿو ته پهريائين ڪجهه عجيب لڳي. ليڪن مون وٽ انهيءَ برتريءَ جا ٻه مکيه سبب آهن.هڪ ته عيسائيت جي بنيادي تعليم کي ڇڏي باقي سڄي تعليم جو نئون عهدنامو حضرت عيسيٰ جو نه پر سينٽ پال جو لکيل آهي ۽ اهو ئي عيسائيت جو مکيه پکيڙيندڙ ۽ مذهب جي ڏنل خدائي علم جو مکيه اڏيندڙ آهي. عيسيٰ جي ڀيٽ ۾ حضرت محمد پاڻ نه فقط اسلام جو عقيدو ڏنو پر انهيءَ مذهب جا شريعتي ۽ اخلاقي اصول (قرآن ۽ سنت جي ذريعي) پڻ سندس ئي ڏنل آهن.“ مائيڪل ايچ هارٽ جي انهيءَ توجهه ڏياريل نڪتي تي ويچارجي ته حضرت محمد ﷺ جنهن نئين دور کي جنم ڏنو انهيءَ دور ۾ انساني آزادين (توحيد) کان وٺي اعليٰ انساني قدرن (شريعت جو اخلاقي نظام) تائين ڪوبه اهڙو نڪتو نه ملندو جيڪو حضرت محمد ﷺ قرآن ۽ سنت جي ذريعي پنهنجي پوئلڳن کي منتقل نه ڪيو هجي. انسانيت کي موڪليل سيني اڳين پيغمبرن ۽ ڪتابن جي تصديق سان اهي ئي اعليٰ انساني قدر جڏهن خدائي حڪم سان انسانيت ڏانهن منتقل ٿيا ته انهن ڪٿي ديني تابعداريءَ ۾ انسانيت اندر پنهنجي نفاذ ڏيکاريو ۽ ڪٿي قوانين فطرت جي نالي سان وسيع انسانيت جي سلامتي، فلاح ۽ ڪامرانيءَ جو سرچشمو بڻيا.

مائيڪل ايچ هارٽ ٻيو سبب ٻڌائي ٿو ته ”عيسيٰ فقط ديني رهبر هو پر محمد نه فقط ديني پر دنيائي اڳواڻ پڻ هو. حقيقت ۾ ته عربن جيڪي به فتحون ماڻيون تن جي پويان محمد ﷺ جي شخصيت ئي ڪم ڪيو. انهيءَ حساب سان ڏسجي ته محمد ﷺ جهڙو اثرائتو سياسي اڳواڻ اسان کي انساني تاريخ جي ڪنهن به زماني ۾ نه ملندو. ٻين اهم تاريخي واقعن جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن انهيءَ زماني ۾ فلاڻو سياسي اڳواڻ رهبري ڪرڻ لاءِ پيدا نه به ٿئي ها ته به اهي واقعا ضرور ٿين ها. چو ته انهن جو ٿيڻ اٽر ٿي چڪو هو. مثال طور سائمن بوليور ڪٿي پيدا نه به ٿئي ها ته به ڏکڻ آمريڪا جو بيٺڪون اسپين کان آزادي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها. پر عرب فتحن جي باري ۾ ائين چئي نٿو سگهجي.“

حضرت محمد ﷺ جي شخصي سياءَ ۽ عظمت تي سڄي دنيا جي انسانن کي حيرت آهي ته مڪي ۾ سخت اهنجن ۽ عذابن کي سهڻ وارو شخص جڏهن مڪي ۾ فاتح جي طور تي داخل ٿيو ته سيني مڪي وارن کي گهرائي چيائين ته اچو ڪي ڏينهن ڪنهن تي به ڪا ميار ڪونهي. هُن ان وقت سڄي انسانيت کي هي پيغام ڏنو اوهان جو عزتون، اوهان جون جانيون، اوهان جا مال هڪ ٻئي تي ائين ئي حرام آهن جيئن منهنجي سامهون هن ڪعبي شريف جي حرمت آهي. هنن لفظن ۾ صاف پيغام هو ته جنهن شخص ڪنهن انسان جي عزت ۾ هٿ وڌو، ان ڄڻ ته ڪعبي جي عظمت کي پائمال ڪيو. جنهن شخص ڪنهن

جي ناحق جان ورتي، تنهن ڇڻ ڪعبي کي ڊاهي ورتو ۽ جنهن ناحق ڪنهن جو مال ڦٻايو تنهن ڇڻ ڪعبي جي بي حرمتي ڪئي.

شخصي سياءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڳڻي ڳڻجن. پاڻ خاتم النبيين ۽ خيرالبشر هئا پر جيڪڏهن ڪو شخص پاڻ سڳورن کي گذريل نبين کان وڏو ڪري پيش ڪندو هو ته ان کي سختيءَ سان منع ڪندا هئا. هڪ صحابي ۽ هڪ يهوديءَ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. صحابيءَ غصي ۾ قسم کڻي چيو ته ”ان خدا جو قسم جنهن محمد ﷺ کي سڄي دنيا کان افضل بڻايو آهي.“ يهوديءَ به قسم کنيو ته ”انهيءَ خدا جو قسم جنهن موسيٰ کي سڄي دنيا تي ترجيح ڏني آهي.“ صحابيءَ انهيءَ تي غصي ۾ اچي يهوديءَ کي ڳِڻي تي چماٽ وهائي ڪڍي. يهودي سڌو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هلي آيو ۽ شڪايت ڪيائين. حضرت محمد ان صحابيءَ کي تنبيهه ڪئي ۽ صحابين کي مخاطب ٿي چيو ته مونکي موسيٰ عليہ السلام جي مٿان ترجيح نه ڏيندا ڪريو.“

هُن انساني سماج کي بدلائڻ لاءِ جن ماڻهن جي وچ ۾ گذاريو پئي، ڪڏهن به پاڻ کي مٿاهون رکڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هڪ ڀيري سفر ۾ ڪاڌي پچائڻ جي نوبت اچي وئي ته سندس ساٿي ڪاڌي جي تيارين ۾ لڳي ويا، حضرت محمد به اٿيو ۽ باهه مچائڻ لاءِ ڪاٺيون ميڙڻ لڳو. ساٿين چيو سائين اسان هيترا سارا ڪافي آهيون، اوهان ويهي رهو. فرمايائون ”مونکي پنهنجي ساٿين جي وچ ۾ امتياز سان رهڻ پسند ڪونهي، منهنجو خدا به انهيءَ ڳالهه کي پسند نٿو ڪري.“

مديني جي حڪمران جي طور تي دارالخلافہ مسجد نبويءَ ۾ تڏي تي ويهي درويشيءَ جي ڪمال صفت سان حڪمراني هلائن پيا. اصحاب عشره مبشر سندن ڪابينه به هئي ۽ اها ئي سندن پولٽ بيورو به هئي ۽ مجلس شوريٰ به. جلال، عظمت ۽ اعتماد ايترو هو جو ان وقت جي ٻن سپر پاورز کي خط لکيا ته انسانيت لاءِ سلامتيءَ جي واٽ جا راهي بڻجو، اوهان کي به سلامتي ملي ويندي. ڪين ڪا به مسند، ويهاڻا ۽ ڏيڪاءُ ڪونه هو. پنهنجي ڪامريڊ صحابين سان حلقو ٺاهي ائين ويهندا هئا جو پرڏيهي سفير خليفة المسلمين جي حيثيت ۾ ساڻن مسجد نبويءَ ۾ ملاقات لاءِ ايندا هئا ته ويٺل ماڻهن کان مخاطب ٿي پڇندا هئا ته اوهان مان محمد ڪير آهي، جنهن کي سفارت ڪاريءَ جا ڪاغذ ڏيون.

بقول ٿامس ڪارلائل ”هي ڪهڙو بادشاهه آهي، جيڪو پورهيت به آهي ۽ پورهيت انسانن جو مرڪز، محور ۽ مقناطيس به! ٽيويهن سالن جي نبوت واري دور ۾ عربن جهڙي مٿي ڦريل قوم، رات ڏينهن سندس اک جي اشاري جي منتظر رهي پئي. جنگجو، مهم جو، پڙڪيلا، جهيڙيڪار ماڻهو جيترو هن هستيءَ کي ويجهو هئا، اوترائي اجا وڌيڪ ويجهو ٿيندا پئي ويا، وري ايترا ئي عقيدتمند ۽ پتنگن وانگر ٻلهار ٿيندا پئي رهيا، ڪا ته مٺيا هئي ان هستيءَ ۾.“ (هيرو ۽ هيرو ورشپ)

جَوَن جي ماني، ڪتل، ستو ۽ پاڻيءَ تي گذر بسر ڪرڻ واري هيءَ عظيم هستي مديني جي تاجدار هئي. اهڙي تاجدار هستي، جنهن جي قدمن تان دنيا جا هڙئي تاج ۽ تخت قربان، زمين جو نه پر دلين جو بادشاهه، انسانن جي محبتن ۽ عقيدتن جي انتهائن جو حڪمران، اهو عظيم انسان پنهنجي ٽٽل جتيءَ کي ٽوپا به پاڻ ٿو ڏئي. هو ان سادگي ۽



درويشيءَ کي پنهنجو اعزاز ٿو سمجهي. ان تي فخر ٿو ڪري. ان درويشيءَ ۾ جيڪو نڪتو لڪل آهي، اهو ان پيغمبر اعظم ﷺ کي ميڙيندڙ اڄ سوڌو ڪونه ٿا سمجهن!

ٿامس ڪارلائل پنهنجي ”هيرو ۽ هيرو ورشپ“ واري مشهور ليڪچر ۾ چيو هو ته ”هر ڏينهن هر گهڙي سندن مقدس شخصيت مان نيڪين، خوبين، خاصيتن ۽ پاڪاين جا ڪرڻا ڦٽن ٿا. شايد ان ڪري جو پاڻ ﷺ پنهنجي وجود جو ورق صاف رکندڙ هئا. عيسائيت جي مشهور تعليم اها آهي ته هڪڙي ڳِڻي ته چماٽ ڪائي ٻيو ڳِل پيش ڪريو. پر محمد ﷺ جي بارگاهه ۾ اوهان کي اهڙي ناممڪن تعليم ۽ فلسفو ڪونه ملندو. هتي ته ڳالهه ئي ٻي آهي. توهان بدلو وٺي سگهو ٿا، پر برابر ۽ انصاف جي دائري جي اندر. پر پوءِ به جيڪڏهن معاف ڪري ڇڏيو ته توهان جي عظمت آهي.“

# تلاش حق سيريز

تبديليءَ جي راهن کي روشني ڏيندڙ ڪتاب انساني جوهر کي بيدار ڪندڙ ڪتاب،
ذهن ۽ فڪر کي سنواريندڙ ڪتاب

**(1) انسان ۽ عشق: ڊاڪٽر علي شريعتي**

انسان کي بشر ڪري پيدا ڪيو ويو آهي ٿو، بشر کان انسان جي طرف جدوجهد انسان جو تخليقي مقصد آهي ان جهد ۾ ڪهڙيون فطري رڪاوٽون آهن، جن کي ٽوڙي انسان پنهنجي زندگيءَ جي مٿاهين مقصد کي حاصل ڪري سگهي ٿو، هي ڪتاب ڏاهپ ۽ رهنمائي جو اڻ ميو خزانو آهي. ملهه: 30 رپيا

**(2) تهذيب الاخلاق: مرزا قليچ بيگ**

انسان جا اخلاقي ۽ قومي فرض ڪهڙا آهن؟ خودشناسي ڪهڙي طرح خداشناسيءَ تائين رسائي ٿي. انسان جي نقصن ۽ عيبن جو اثر ڪيئن سماج کي لوڏي وجهي ٿو. زندگيءَ ۾ عزت و شرافت ۽ علم و حڪمت جو رستو ڪيئن اطمينان ۽ سلامتيءَ جي مايا بڻجي پوي ٿو. چيني ڏاهپ جي عالمي شاهڪار جو سنڌي ترجمو ڪيل ڪتاب. ملهه: 50 رپيا

**(3) صدين جون صدائون: مولانا ابوالڪلام آزاد**

انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ جي حسناڪين جو ڏاهپ، حڪمت ۽ اسلامي فڪر جي روشنيءَ ۾ مطالعو، انساني ذهني غلامين، پيڙائن ۽ پريشانين جي سببن ۽ انساني آزادين، اطمينان ۽ سلامتيءَ جي رازن کي کوليندڙ ڪتاب. برصغير جي برک عالم امام الهند ابوالڪلام آزاد جي ڪمال علمي ۽ فڪري قلم سان لکيل ڪتاب. ملهه: 130 رپيا

**(4) حڪمت اسلام: سهيڙيندڙ: نور احمد ميمڻ**

مسلمانن جو سڀ کان وڏو الميو هي رهيو آهي ته انهن کي مختلف فرقن پنهنجي پسند ۽ خواهشن تي مسخ ٿيل اسلام جون صورت گريون پيش ڪري پٽڪايو آهي. وحي جي تعليمات ۽ سنت رسول الله ﷺ جي عملي صورتن پٽاندڙ واريجنل اسلام جي روح تائين رسائيندڙ هي ڪتاب اسلام جي بيحد حڪيماڻي مطالعي کي پيش ڪري ٿو. ملهه: 130 رپيا

**(5) قرآني هدايت: مرتب: محمد سليمان انڊڙ**

الله تعاليٰ جي طرفان انسانن جي لاءِ موڪليل آخري انساني منشور قرآن حڪيم جي تعليمات جو روزاني زندگيءَ جي مسئلن سان لاڳاپيل شاهڪار انتخاب جنهن سان انسانن جي لاءِ خلقڻهار جي پاران موڪليل ديني رهنمائيءَ جون حڪمتون آشڪار ٿي وڃن ٿيون. ملهه: 60 رپيا

گهر ويٺي /400 رپين جي وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ پنهنجي ائڊريس هيٺين نمبر تي sms ڪيو:
Send Talash Haq Series, 0321-3852879

مولانا عبداللطيف نانگراج

# پيغمبر اسلام ﷺ جي رحمت للعالميني

اسلام هڪ رحمت ڀريو دين آهي. سندس تعليم جو بنياد ئي رحمت تي ٻڌل آهي. اسلام انسان ۾ رحمت، شفقت ۽ الفت جي جذبن کي پيدا ڪرڻ چاهي ٿو ۽ چاهي ٿو ته انسان رحمت جو پيڪر بڻجي وڃي.

پنهنجي لاءِ، پنهنجي خاندان لاءِ قوم لاءِ ۽ پوري انسانذات لاءِ سندس هر عمل رحمت جو عملي مظهر هجي. ان مان ڪنهن کي به نقصان نه پهچي. سندس هر ڪم انسانذات جي ڀلائي لاءِ هجي. تنهن ڪري قرآن حڪيم الله جي رحمت جي صفت کي تمام گهڻو بيان ڪيو آهي ۽ ان کي مختلف اعتبارن کان چٽو ڪري ڏيکاريو آهي ته جيئن ٻانها به رحم جي رنگ ۾ رنڱجي ٻاجھ شفقت جا پيڪر بڻجي پون. عفو ۽ درگذر سندن شعار بڻجي پوي. رحم جو لازمي نتيجو محبت آهي تنهن ڪري قرآن حڪيم خدا ۽ ٻانهن جي وچ ۾ به محبت جي رشتيءَ کي چٽو ڪري ٿو. قرآن حڪيم اهو چٽو ڪري ٻڌايو آهي ته الله پنهنجي ٻانهن سان محبت ڪري ٿو ۽ ايمان وارا به الله سان محبت ڪن ٿا.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته ايمان ۽ محبت لازم ۽ ملزوم آهن. خدا تي ايمان جو مطلب آهي خدا جي محبت سان دل کي منور ڪيو وڃي. وري ان جي عملي صورت هي آهي ته خدا جي صفتن سان پنهنجي عمل ۽ اخلاق سان رنگيو وڃي.

خدا سان محبت ڪرڻ جو رستو ان جي محبوب پيغمبر ﷺ جن جي پيروي ڪرڻ وٽان گذري ٿو. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ انسانن سان ڀلاين ۽ رحمت جو طريقو اپنايو ان جي پيروي ڪرڻ سان ئي اسان پاڻ ۾ رحمت ۽ محبت جي جذبن جا گل پنهنجي اندر ۾ ٽڙائي سگهون ٿا. ارشاد آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ

”(اي پيغمبر انهن ماڻهن کي) چئو ته جيڪڏهن توهان سچ پچ الله سان محبت رکون ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪيو.“ يعني خدا جو محبوب بڻجڻ ۽ ان جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پيغمبر ﷺ جن جي تابعداري ڪئي وڃي.

هڪ هنڌ اچا واضح ڪيو ويو آهي ته: ”لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة“

”اوهان جي لاءِ رسول ڪريم ﷺ جي زندگي پيرويءَ جو بهترين نمونو آهي.“

يعني بهترين ۽ باڪمال شخصيت جي تعمير لاءِ ضروري آهي ته پيغمبر ﷺ جن جي طريقي کي اختيار ڪيو وڃي. الله سان محبت ايمان جو جز آهي. ان جي حاصل ڪرڻ جو طريقو پيغمبر ﷺ جن سان محبت ۽ ان جي پيروي ڪرڻ آهي. تنهن ڪري جيڪو به انسان پيغمبر ﷺ جن جي محبت سان رنگيل هوندو اوترو سندس ايمان پورو هوندو. جيترو گهٽ هوندو اوترو سندس ايمان ناقص هوندو. پيغمبر جي محبت کو ڏکو



ڪونهي جيڪا نڙيءَ کان هيٺ لاٿي وڃي، بلڪ پيغمبر جي محبت جا عملي مظهر هي آهن ته جيئن پاڻ خدا جي توحيد ۽ معرفت لاءِ پتوڙيندا رهيا، انهيءَ جزبي ۽ محويت کي نمونو بڻائجي.

قرآن حڪيم جا اصول ۽ ضابطا نسورو رحمت آهن ۽ پيغمبر ﷺ جن ان جي عملي تصوير آهن. سندن رحمت کي وقت ۽ جڳھ جون وسعتون به ماپي نٿيون سگهن. سندن هر عمل، فعل، ڳالهه، حرڪت، سڪون، ڪلام، خاموشي، نظريو، فڪر مقصد ته زندگيءَ جو هر لمحو رحمت جو ترجمان آهي. احسان ۽ ٻين سان ڀلائي ڪرڻ سندن شعار هيو. هر هڪ انسان سان همدردي، خيرخواهي جي تاڪيد ڪندا هئا. ٻين جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ، ضرورت جي وقت ڪنهن جي ڪم اچڻ جي تلقين ڪندا هئا. نبوت کان اڳ جي زندگي به ان جي شاهد آهي ۽ نبوت کان پوءِ جي زندگيءَ جو لمحو لمحو انهي سان تعبير آهي. مظلومن جي داد رسي ڪرڻ، پاڙيسرين جي حقن جي ادائگي ڪرڻ، يتيمن جي پرگهور لهڻ، ضرورت مندن ۽ مسڪينن کي ڪاڏو ڪارائڻ جي هر وقت اون هوندي هين ۽ هر وقت ان جي تبليغ ڪندا هئا. هرهڪ سان هڪ جهڙو رويو رکندا هئا. ڪنهن کي به گهٽ نظر سان نه ڏسندا هئا. غلامن کي به پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا. ۽ ماڻهن کي هر وقت غلامن کي آزاد ڪرڻ جا طريقا ۽ وجھ ڏسيندا هئا. مهمانن جي عزت ۽ طاقت جي مطابق مهمان نوازي ڪندا هئا. مريضن جي عيادت ڪرڻ ۽ ڪنهن جي ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ کي دين جو جز قرار ڏيندا. ذاتي معاملي ۾ ڪنهن کان انتقام نه وٺندا هئا. تمام گهڻا خوش مزاج ۽ ڪشاده دل وارا هئا. ظلم جو بدلو معافي سان ڏيندا هئا. زيادتي جي عيوض احسان ڪندا هئا. حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جو ارشاد مبارڪ آهي ته: ”پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ذاتي معاملي ۾ ڪنهن کان به بدلو نه ورتو.“ (بخاري-ڪتاب آداب)

جيئن روايتن ۾ آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ زهر کارائيندڙ يهودي عورت کي به معاف ڪري ڇڏيائون. مڪي جي قريش پاڻ ﷺ تي ڪيتريون ئي زيادتيون ڪيون. تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون. پر ڪڏهن به انهن لاءِ بددعا نه ڪيائون. طائف وارن جي سختي کي ڏسي چڱو ڀلو انسان لڏي وڃي ۽ جڏهن ملائڪ اچي تجويز ڪيو ته انهن کي سرزنش ڏني وڃي. پر پاڻ ڪريم ﷺ رحمت جا درياء هئا. سندن رحمت جو هي آواز هيو. ”بل ارجو ان يخرج الله عزوجل من اصلابهم من يعبد الله عزوجل وحده لايشرک به شيئا.“ (بخاري- مسلم) (مان انهن جي هلاڪت نٿو گهران.) بلڪ اميد ٿو ڪيان ته منهنجو پالڻهار انهن جي اولاد مان توحيد جا پرچارڪ ۽ شرڪ کان نفرت ڪندڙ پيدا فرمائيندو.“

احد جي لڙائي ۾ سندن ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ جي باوجود زبان تي رحمت جو ترانو هيءَ الفاظ چئي رهيو هو: ”اللهم اهد قومي فانهم لايعلمون“ اي منهنجا الله! اهي بي سمجھ آهن. انهن کي هدايت نصيب فرماءِ.“ چا ته اهو نبي رحمت جو مجسمو آهي. جو خود قرآن به ڪيس رؤف رحيم ۽ رحمة للعلمين جي لقبن سان نوازيو آهي. اهو رحمة اللعلمين آهي جنهن جي واسطي سان اسان تائين ”ان رحمتي وسعت کل شئي.“ ”کتب ربکم علي نفسه الرحمة“ جو رحمت ڀريو پيغام پهتو.

سندن زندگي ايئن نظر ايندي جو ڪائنات ۾ رحمت جو مثالي ماڊل بڻجي رحمت جي پرچار ڪندڙ هجن. سندن قول آهي: ”آءٌ رحمت ڪري موڪليو ويو آهيان.“ سندن عمل اسان کي محبت ڪرڻ سيکاري ٿو. نرمي ۽ احسان ۽ درگذر ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هڪ هنڌ فرمايائون: من لايَرحم لايُرحم“ جيڪو الله جي ٻانهن جون خطائون نٿو بخشي ته پوءِ اهو الله مان بخشڻ جي اميد ڪيئن ٿو ڪري. سندن هڪ ارشاد رحمت جو هي درس ڏئي رهيو آهي. ”خدا جي رحمت انهن ٻانهن لاءِ آهي جيڪي خدا جي ٻانهن تي رحم ڪن ٿا.“ پاڻ رحمة للعلمين آهن. تنهن ڪري هڪ روايت ۾ آهي ته: ”جيڪو ٻه رحم ڪندو ڀلي ڪٽي هڪ جهرڪيءَ تي ئي چو نه خدا ان تي رحم ڪندو.“

سندن تعليم هيءَ هئي ته پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان همدردي تعاون ۽ رواداري سا پيش اچجي. اهڙن شين جي ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا جن سان محبت ۽ ٻئي جي لاءِ سٺا جذبا پيدا ٿين ٿا. سندن ارشاد آهي: پنهنجي لاءِ جيڪا شيءِ پسند ڪيو پنهنجي ڀاءُ لاءِ به اها ئي شي پسند ڪيو.“ جيڪي شيون نفرت ۽ جهڳڙي جو بنياد بڻجن انهن ڪان روڪيندا هئا. حضرت ابوهريره رضه ڪان روايت آهي ته پاڻ ڪريم صه جن فرمايو: ”بدگماني ڪان پري رهو. هڪ ٻئي جي رازن جي تلاش ڪرڻ ۾ نه لڳو. عيب جوئي نه ڪيو. ساڙ ۽ ڪينو نه رکو. ڀائر ٿي رهو.“ (بخاري)

هڪ ٻي روايت حضرت انس رضه ڪان آهي: فرمائن ٿا ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪينو ۽ ساڙ نه رکو. پاڻ ۾ ڳنڍيل رهو. هڪ ٻئي ڪان جدا نه ٿيو. خدا جا ٻانهو! ڀائر ٿي ڪري رهو. ڪنهن به مسلمان لاءِ جائز نه آهي ته پنهنجي ڀاءُ ڪان ٽن ڏينهن ڪان وڌيڪ رشتو ٽوڙي ڇڏي.“

رت جي رشتن ڪان وڌيڪ سچي پر خلوص ۽ مستحڪم محبت پيدا ڪرڻ لاءِ هنن طريقن ڪان سواءِ ٻيا به ڪي ٿي سگهن ٿا؟ توهان جيڪڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي فرمانن تي غور ڪندؤ ته توهان کي يقين ٿي ويندو ته محبت ۽ رواداري جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڪان بهتر ۽ مؤثر طريقا ٻيا نٿا ٿي سگهن.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هيءَ ڪيڏو نه انسانيت تي احسان ۽ ٿورو آهي جو پاڻ اهڙو سبق ڏنو اٿائون جنهن سان پورو جهان رحمت جي تصوير بڻجي پوي ٿو. هيءَ ته چند قول ۽ مثال هئا. پر جيڪڏهن پاڻ سڀورن ﷺ جي سيني ارشادن جي جزئيات کي اڳيان رکجي ته انسان جي حيرت جي حد ئي نه رهندي. ڇو ته اڄ تائين ڪوبه فلسفي، وڏو عالم، حڪيم يا دانشور، نه ئي اهڙي جامع تعليم ڏئي سگهيو آهي ۽ نه وري پاڻ نسورو انهيءَ تعليم جي اهڙي عملي تصوير بڻجي انسانيت جي سامهون آيو آهي.

اهو رحمة للعلمين جي رحمت جو اثر هيو جو ”يدخلون في دين الله افواجا“ جو منظر دنيا جي اڳيان ظاهر ٿيو. اڄ به اسان جيڪڏهن پيغمبر صه جن جي پيروي ڪندي رحمت ۽ محبت جا پيڪر بڻجي پئون ته بيشڪ دنيا يدخلون في دين الله افواجا جو منظر ضرور ڏسندي، جنهن ۾ هر طرف رحمة للعلمين جي طريقي جي صدا هوائن ۾ گونجندي ۽ هر لب تي اللهم صل علي سيدنا ومولانا محمد وآله وسلم جو ترانو ڳائيبو رهندو.



**فدا حسين**
سنڌيڪار: پليڏنو ڪاڪا

# اميري هنئين به ٿيندي آ

1975ع ۾ بل گيٽس پنهنجي دوست پال ايلن سان گڏجي دنيا جي پهرين سافٽ ويئر ڪمپني جو بنياد رکيو ۽ 1985ع تائين ڏسندي ئي ڏسندي مائيڪرو سافٽ واشنگٽن رياست جي سڀ ڪان وڏي ڪمپني ٿي وئي. ان تي پئسو مينهن وانگر وسڻ لڳو، ايستائين جو هو 1994ع ۾ صرف 39 سالن جي عمر ۾ دنيا جو امير ترين ماڻهو ٿي ويو. هي ايترو ته مشهور ٿي ويو جو آمريڪي صدر کي مجبورن اهو اعلان ڪرڻو پئجي ويو ته، ”وئي آر دي نيشن آف بل گيٽس“. هي هارورڊ يونيورسٽي جي ان نالائق شاگرد جو پهريون اعزاز هو ۽ هي اعزاز حاصل ڪري هيءُ روئي پيو ۽ هي ٻيو دفعو دروازو بند ڪري روئي پيو. جي ها! هن ماڻهو جو نالو بل گيٽس آهي ۽ هي پوين چوڏهن سالن ڪان دنيا جو امير ترين ماڻهو آهي. سندس جوڙيل ڪمپني مائيڪرو سافٽ دنيا جي پنجن وڏين ڪمپنين ۾ شامل آهي. هن ۾ هن وقت 63 هزار 5 سو 64 ماڻهو ملازم آهن. هن جو ڪاروبار 152 ملڪن تائين هلي ٿو، جڏهن ته هي ڪمپني اڄ تائين هڪ لک 28 هزار ماڻهن کي ارب پتي ڪري چڪي آهي.

مائيڪرو سافٽ جي ملازمن جي عام طرح سالانه پگهار 89 هزار 6 سو ڊالر آهي، مائيڪرو سافٽ جا پنج ڊائريڪٽر آهن ۽ بل گيٽس وٽ سڀ ڪان وڌيڪ شيئرز (حصا) آهن. هو 97 ڪروڙ 74 لک 99 هزار 3 سو 36 شيئرز حصن جو مالڪ آهي. پوين 15 سالن ڪان ميڊيا بل گيٽس کي پوري دنيا ۾ سڀ ڪان گهٽي ڪوريج ڏني، هي دنيا جي انتهائي بااثر ماڻهن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، ماڻهو هن سان هٿ ملائڻ يا تصوير ڪڍرائڻ کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهن ٿا، جڏهن ته هن کي 35 ملڪن ۾ سربراه مملڪت جيترو پروٽوڪول ڏنو وڃي ٿو.

بل گيٽس 15 جون 2006ع تي اعلان ڪيو ته هو جولائي 2008ع تي مائيڪرو سافٽ ڇڏي رهيو آهي ۽ باقي زندگي فلاحي ڪمن ۾ وقف ڪندو. ان جو چوڻ هو ته، هو پهرين جولاءِ 2008ع ڪان پنهنجو سڄو وقت فلاحي ڪمن ۾ گذاريندو. هي دنيا جو پهريون وڏو ماڻهو آهي جنهن فلاحي ڪمن لاءِ پنهنجي اميريءَ کي خيرباد چيو آهي. ڇو ته هن ڪان پهرين ماڻهن دنيا ۾ عورتن لاءِ بي شمار ماڻهن تخت ۽ بادشاهتون ڇڏيندي ٻڌايا ويا ۽ دنيا ۾ اهڙا به ماڻهو آهن جن سڪون جي حاصل ڪرڻ خاطر اقتدار ڇڏيو، پر هي تاريخ جو پهريون ماڻهو آهن جنهن عام ماڻهن جي ڪري دنيا جي سڀ ڪان وڏي ڪمپني ڇڏڻ جو اعلان ڪيو ۽ باقي زندگي ”بل اينڊ ميلينيڊا گيٽس فائونڊيشن“ کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. بل گيٽس پنهنجي زال ميلينيڊا سان گڏجي جنوري 2000 ۾ فلاح عامه (ڀلائي) جي هڪ فائونڊيشن جو بنياد رکيو، ان جو نالو ”بل اينڊ ميلينيڊا گيٽس

فائونڊيشن“ رکيو. ان وقت هي دنيا جو سڀ کان وڏو خيراتي ادارو هو فائونڊيشن جي اڪائونٽ ۾ 29 بلين ڊالر هئا. هي رقم ڪيتري وڏي آهي، ان مان پاڪستان جي بجيٽ جو اندازو ڪيو. پاڪستان جي ڪل بجيٽ 12 بلين ڊالر ٿيندي آهي. بل گيٽس جي هي فائونڊيشن پوري دنيا ۾ صحت، تعليم، لائبررين ۽ ڪمپيوٽر جي تربيت جي لاءِ ڪم ڪري ٿي. هي فائونڊيشن هر سال غريب ملڪن جي ذهين طالب علمن کي هڪ ارب ڊالرن جا وظيفا ڏئي ٿي. هي تنظيم غير آمريڪي لائبررين کي هڪ ملين ڊالر فنڊ ڏئي ٿي. بل گيٽس پندرهن ملين ڊالرن سان ڪمپيوٽر هسٽري ميوزيڪل ٺاهيو آهي. ان چانورن جو نئون قسم ڳولهي لڌو آهي، اهو هر سال دنيا جي ڪروڙين ٻارن کي پوليو ويڪسين فراهم ڪري ٿو، هن جي فائونڊيشن ايڊز جو علاج ڳولي رهي آهي. هيءَ فائونڊيشن ستن سالن کان سڄي دنيا ۾ ڪم ڪري رهي آهي. بل گيٽس اعلان ڪيو ته هو جولاءِ 2008ع ۾ فائونڊيشن جي دفتر ۾ شفٽ ٿي ويندو ۽ باقي زندگي ماڻهن جي صحت ۽ تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو. سندس جو چوڻ هو ته هو پنهنجي وفات کان پهرين پنهنجي ٻارن کي صرف هڪ هڪ ملين ڊالر ڏيندو ۽ باقي سڄي دولت دنيا جي ضرورتمندن لاءِ وقف ڪندو. هن جو چوڻ هو ته هي دولت ضرورتمندن جي امانت آهي ۽ هي اها امانت ماڻهن کي واپس ڏئي پوءِ ويندو. بل گيٽس جي ان اعلان کان پوءِ دنيا ۾ 27 جون 2008ع جو شدت سان انتظار ڪيو ويو. دنيا ڏسڻ ٿي چاهيو ته ڇا واقعي بل گيٽس پنهنجو واعدو نڀائيندو، ان کان پوءِ ڪيترا خيال سامهون آيا. ماڻهن چيو ته 60 ارب ڊالرن جي ملڪيت ۽ 200 بلين ڊالرن جي ڪمپني ڇڏيڻ ايترو آسان ڪم ناهي. بل گيٽس 2008ع ۾ پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيندو. پر 27 جون اچي وئي، بل گيٽس پنهنجي دفتر ۾ آيو، ان پنهنجي ملازمن کي گڏ ڪيو ۽ ڪمپني جي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو. بل گيٽس جي اعلان سيني ماڻهن جون اکيون آليون ڪري ڇڏيون، ان جي اکين مان ٻه هڪ قطرو نڪتو جيڪو ٿوري دير بيٺو ۽ پوءِ وهي هليو. هي بل گيٽس جي زندگي ۾ ٽيون پيرو هو. مون واشنگٽن پوسٽ ۾ ان جي آخري تقرير جا ڪجھ ٽڪرا پڙهيا ته منهنجي اکين ۾ به ڪجھ ڳوڙها تري آيا. توهان سوچيو خيرات، صدقو ۽ فلاح و بهبود اسلام ۾ عبادت جي حيثيت رکن ٿا، پر دنيا جي سڀ کان وڏي خيراتي اداري جو اعزاز ڪنهن مسلمان کي نصيب نہ ٿيو. دنيا جي امير ترين ماڻهن جي فهرست ۾ ٿي مسلمان به شامل آهن، پر ماڻهن جي انهيءَ انداز سان خدمت جي سعادت الله تعاليٰ بل گيٽس کي عطا ڪئي آهي. توهان سوچيو! دنيا جو پنجون امير ترين ماڻهو هڪ عرب مسلمان آهي، ان جي ملڪيت جوا ۾ خرچ ٿي رهي آهي، جڏهن ته بل گيٽس پنهنجي ملڪيت ايڊز جي علاج لاءِ خرچ ڪري رهيو آهي. هو مسلمانن کي ٻارن  کي تعليم ڏئي رهيو آهي، توهان سوچيو! سڄي اسلامي دنيا وڏن ماڻهن سان ڀري پئي آهي، اسلامي دنيا ۾ اهڙا به ماڻهو اهن جو هيرن جي ڪيترن کاڻُن جا مالڪ آهن، جن جي زمينن مان سون نڪري ٿو ۽ تيل جي درجنن کوهن جا مالڪ آهن پر انهن کي ڪي ايڏا وڏا انساني ڪم ڪرڻ جي توفيق ئي نٿي ٿئي، جڏهن ته بل گيٽس پنهنجي سڄي ملڪيت ڪٺي ضرورتمندن جي تلاش ۾ نڪتل آهي.



مون سوچيو ته 62 اسلامي ملڪن جي هن دنيا ۾ هڪ ارب 45 ڪروڙ مسلمان رهن ٿا، پر انهن ڏيڍ ارب ماڻهن ۾ هڪ به بل گيٽس ناهي، ان ۾ هڪ به اهڙو ماڻهو ناهي جيڪو 53 سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڪمپني جو دروازو ڪولي ۽ پنهنجو سڄو مال ۽ زندگي الله جي ٻانهن لاءِ وقف ڪري ڇڏي، جيڪو ماڻهن ۾ دوا ۽ ڪتاب ورهائي يا جيڪو ماڻهن جا زخم ڌوئي، جيڪو ماڻهن کي ڪاڌو کارائي.

آءٌ هميشہ پنهنجي پاڻ کان سوال ڪندو هوس ته عالم اسلام تي يورپ ۽ آمريڪا ڇو غالب آهن؟ مون کي اڄ معلوم ٿي ويو ته يورپ ۽ آمريڪا وٽ وڏا وڏا انسان به آهن جڏهن ته اڄڪلھ عالم اسلام  وڏن وڏن واپارين ۽ صنعتڪارن جي غلاميءَ ۾ وقت گذاري رهيو آهي، ڪاش! پاڪستان جا سوا ارب پتي تاجر بل گيٽس مان سبق سکن ۽ اڄ کان پنهنجو وقت ۽ دولت عام ۽ غريب ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏين.

## مصلحت ۽ حق لاءِ جدوجهد

اختلافي عملي طريقن مان هڪ شيءِ مصلحت آهي جنهن ۾ مون ۽ ٻين صاحبن جي وچ ۾ اختلاف آهي. مان هر مسئلي ۾ مصلحت کي مؤثر سمجهان ٿو. پر مصلحت جي ڪري آءٌ پنهنجي اصولن تان هٿ ڪڻان، پنهنجي مقصدن کان هٽي وڃان اها شيءِ ناممڪن آهي. ان جو آءٌ برملا اعلان ۽ اظهار ڪيان ٿو ته جيڪا شيءِ اسان جي زندگي جو مقصد آهي، جنهن جي خون جي گردش سان ملت جي جسماني زندگي قائم آهي، جنهن جي غذا سان اسان جي ملت جي ٻوٽي جي اوسر ڳنڍيل آهي، ان مقصد کي مصلحت جي ڪري ڇڏي ڏيون.

يقين ڪريو، جيڪڏهن اسان مصلحت جي ڪري حق لاءِ جدوجهد کي ڇڏي ڏنوسين ته هڪ ڏينهن اسان کان اسان جي زندگيءَ جو مقصد هليو ويندو ۽ پوءِ اسان گمراهيءَ جي اونداهيءَ ۾ پيا وائڙا ڦرنداسين.

اسان جي اڄوڪي حالت مصلحت جي مهرباني آهي. مصلحت جو سهارو وٺندڙن وقتي مصلحت جو نعرو هڻي مقصدن تي پردا وڌا. اڄ اهي پردا ايترا ته وڏي ويا آهن جو اسان پنهنجي مقصدن کي ڳوليون ٿا ته لڀن ڪونہ ٿا. ۽ ان جو آخري نتيجو هيءُ آهي ته انسان خدا جي ياد کان غافل ٿي وڃي ٿو ۽ ان ذات کي به وساري ڇڏي ٿو. درحقيقت اهو پنهنجي پاڻ سان دشمني ڪري ٿو. ”وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰهُمْ اَنْفُسَهُمْ ط “ (الحشر-19) (انهن وانگر نہ ٿيو جن (پنهنجي غرضن ۽ بزدليءَ جي ڪري) خدا خوفي به ڇڏي ڏني ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ پنهنجي پاڻ سان به انصاف نہ ڪري سگهيا. (ابوالڪلام آزاد رحہ)

مولانا عبداللطيف نانگراج

# محنت ڪري ڪائڻ

اسلام جو بنيادي معاشي اصول هيءُ آهي تہ ماڻھو محنت ڪري ڪائي. قرآن ۾ الله تعاليٰ پيغمبرن کي حڪم ڪيو آهي تہ پاڪ ۽ طيب شيون ڪائون.“ (المؤمنون 52) انهيءَ لحاظ کان ڏنو وڃي تہ پاڪ ۽ طيب شيون محنت جي نتيجي ۾ ئي حاصل ٿين ٿيون. اهوئي سبب آهي جو قران حڪيم وياج ۽ جوا جي ڪمائيءَ کي حرام قرار ڏنو آهي. اهي حرام ان ڪري قرار ڏنا ويا آهن جو اهي سرمائي تي سرمائي مان پيدا ٿيندڙ آمدنيءَ جا ٻيا ذريعا ۽ وياج ۽ جوا جي ڪمائي وانگر آهن. پاڪ، حلال ۽ طيب روزي سان پاڪيزه روح پيدا ٿيندو آهي حسن ۽ اخلاق جون سٺيون خصلتون جنم وٺنديون آهن. تنهن ڪري اسلام ۾ پاڪيزه رزق تي وڏو زور ڏنو ويو آهي.

بخاري ۾ هڪ روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو: ”ما اڪل احد طعاما قط خيرمن ان ياڪل من عمل يديه“ انسان جي لاءِ بهترين روزي ان جي هٿ جي ڪمائي آهي.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله پاڪيزه روزي ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون جيڪا ماڻھو پاڻ ڪمائي، ”قبل يارسول الله اى الڪسب اطيب قال، عمل الرجل بيده“ پيغمبر اسلام ﷺ پاڻ تجارت ڪري پنهنجي لاءِ وسيلا پيدا ڪيا ۽ سڄي زندگي پنهنجي چوڌاري ماڻھن کي بہ ڪمائي گذران ڪرڻ جي تلقين ڪندا رهيا. فرمايائون تہ محنت ڪش الله جو دوست آهي ۽ محنت کان وڌيڪ ڀلي روزي ڪابہ ڪانهي. محنت جي ڪمائي ئي حقيقت ۾ ڪمائي آهي. ذهني يا جسماني مشقتون برداشت ڪرڻ کان سواءِ بغير محنت جي ڪائڻ، استحصال، لٽ ڦر ۽ غضب جي زمري ۾ ايندڙ شي آهي.

محنت ڪندڙ جيڪو ڪجھ حاصل ڪري ٿو، اهو سندس محنت جو ڦل ۽ جائز حق آهي، باقي بغير محنت جي مال حاصل ڪرڻ يا ڌوڪو ۽ ٺڳي ڪري پيسو ميڙڻ حقيقت ۾ ٻين جي حق تي ڌاڙو هڻڻ آهي. انساني سوسائٽي جي ڀلائيءَ جو راز هن ۾ پوشيده آهي تہ ماڻھو محنت ڪري ڪائي، اها سوسائٽي اخلاقي لحاظ کان بلند ۽ بهترين ٿيندي جنهن ۾ ماڻھو محنت ڪري ڪائيندا.

محنت جي ڪمائي بهترين شخصيت جي تعمير ڪري ٿي. محنت جي ڪمائي سان پاڪيزه جذبا ۽ سٺيون عادتون جڙن ٿيون، جنهن ڪري سماج ۾ پاڪيزه ماحول پيدا ٿئي ٿو. محنت جي ڪمائي سان شخصيت جي صحيح تعمير ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگي ۾ اطمينان ۽ سلامتيءَ جا مقصد حاصل ٿين ٿا. اهڙي طرح دولت جي تقسيم ۾ منصفانہ ماحول جڙي ٿو. مفت خوري سان سماج ۾ بخل ۽ حسد جا قبيح جذبا اڀرن ٿا جنهن جي نتيجي ۾ تقسيم دولت جو نظام اعتدال کان هٽي وڃي ٿو ۽ ماڻھو ۽ سماج سخت بگاڙ، ابتري ۽ انتشار جو شڪار ٿين ٿا ۽ هر طرف انارڪي پيدا ٿي وڃي ٿي.



فڪرِ شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه

# توحيد ۽ شاھ لطيف رحمة الله عليه

اَوَل اللهُ علـيـم، اعلـيٰ عـالَم جـو ڌَڻـي،
قَـادرُ پنهنجـيءَ قُـدرت سـين قـائمُ آه قَـديم،
وَالــي وَاحِــدُ وَحــده، رَازِقُ رَبُ رَحِــيم،
سـو سـاراه سـچو ڌَڻـي، چئـي حَـمد حَـڪيم،
ڪَـري پـاڻَ ڪَـريم، جُوڙئـون جـوڙ جَهـانَ جِـي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي هن بيت ۾ الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جا سورهن شان بيان ڪيا آهن: (1) اول (2) الله (3) عليم (4) اعليٰ (5) عالم جو ڌڻي (6) قادر (7) قائم (8) قديم (9) والي (10) واحد (11) وحده (12) رازق (13) رب (14) رحيم (15) حڪيم (16) ڪريم.

عالم جي ڌڻيءَ مان مراد هن ڪائنات ۽ تمام جهانن جو مالڪ ۽ خالق آهي جنهن جي وضاحت اسان کي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۾ ملي ٿي. قادر مراد قدرت وارو آهي يعني هر شيءِ اُن جي هٿ ۾ آهي هو جيڪو چاهي سو ڪري: وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ. قائم آه قديم، معنيٰ الله تعاليٰ جي ذات هميشہ قائم ۽ دائم رهڻ واري آهي. اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَۚ اَلۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ. والي وَاحد، وَحده، مان مراد آهي تہ اُن جو ڪوبہ شريڪ ڪونهي. پوري عبادت صرف اُن جي لاءِ آهي. وَاِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ. رازق مان مراد رزق عطا ڪندڙ. هر انسان ، چرند پرند سڀني کي رزق رسائيندڙ آهي. الله تعاليٰ کانسواءِ ڪوبہ ٻيو دنيا ۾ انسان کي رزق نٿو رسائي: وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا. رب مان مراد پالڻھار آهي. اسان انسان هن دنيا جي نفسا نفسي ۾ ٻين جي درن تي پنهنجو سيس نوائيندا آهيون جڏهن تہ اسان جو پالڻھار صرف ئي صرف الله آهي. هر مصيبت، پريشاني، ڏک سک، درد دوا ڪرڻ وارو صرف اهو الله آهي. جنهن اسان کي پيدا ڪيو آهي.: فَلِلّٰهِ الۡحَمۡدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ رَبِّ الۡاَرۡضِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ رَحِيم مان مراد هو ايڏو تہ رحم دل آهي جو قرآن ۾ فرمايائين تہ ڪابہ مصيبت توهان تي اچي ٿي تہ اها توهان جي پنهنجي آهي. الله جي طرفان انسان کي ڪابہ مصيبت يا پريشاني نٿي ملي. اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ سو ساراھ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم. آخر ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي اسان کي نصيحت ٿو ڪري تہ اي انسان ان الله جا ئي ڳڻ ڳاءِ جيڪو توهان جو مالڪ ڪُل آهي. عبادت جي لائق آهي. اُن ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ۽ اهو ئي حشر جي ڏينهن جو مالڪ آهي جنهن ڏينهن سڀني ماڻھن کي پنهنجا پنهنجا اعمال ناما ملندا.